خانپور ۾ بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، 7 زخمي

شهر جي نادرا آفيس ڀرسان پلاٽ جي مالڪي تان بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

عثمان بروهي جي ٽرپلاٽ تي قبضو ڪري دڪان ناهي رهيا هئا منع ڪرڻ تي حملو ڪري ڏنو : عبدالقدوس بروهي

پوليس جوابدار ڌر جي نصرالله بروهي، يحيٰ بروهي ۽ ظفرالله بروهي کي گرفتار ڪري لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو

خانپور(عتيق ابڙو)خانپور شهر جي نادرا چوڪ تي پلاٽ جي مالڪي تان بروهي برادري جي ٻن ڌرين عبدالقدوس بروهي ۽ عثمان بروهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو باگو ۾ زميندار مير خاندان جو
چڱو مڙس مير عطا حسين ٽالپر
بيماري سبب وفات ڪري ويو

ٽنڊو باگو(رپورٽ) ٽنڊو باگو جو مشهور زميندار مير خاندان جو چڱو مڙس مير عطا حسين ٽالپر بيماري سبب ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪري ويو، مرحوم جي جنازي کي ٽنڊو باگو آڻي ميرن جي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ برادري جي ماڻهن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

خانپور مهر: بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ٺٽي سميت جهمپير ۾ مليريا بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي

سوين مرد، عورتون ۽ معصوم ٻارڙا مليريا ۾ مبتلا سرڪاري توڙي خانگي اسپتالن پيڙا ٿي ويا

جهمپير ۾ چڪاس لاءِ مليريا ڪٽ (ڊيوائيس) سميت مليريا دوائون اڻلڀ بڻجي ويون، اختياريون خاموش

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)ضلعي ٺٽي سميت ڪوهستاني جو وڏي آبادي رکندڙ شهر جهمپير ۾ مليريا بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي، سوين مرد، عورتون ۽ معصوم ٻارڙا مليريا ۾ مبتلا سرڪاري توڙي خانگي اسپتالن پيڙا ٿي ويا، اسپتالن ۾ مريضن جي رش وڌي ويئي، BHU جهمپير ۾ چڪاس لاءِ مليريا ڪٽ (ڊيوائيس) سميت مليريا دوائون اڻلڀ بڻجي ويون، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڦل شهر ۾ پلاٽ جي هلندڙ تڪرار تان جهيڙي بعد سومرا برادري پاران احتجاج، شٽربند هڙتال

سومرا برادري جي اڳواڻن، شهري ايڪشن ڪاميٽي ۽ مذهبي جماعت جي اڳواڻن سميت شٽربند هڙتال ڪئي وئي

دلاور ڪوسو ۽ سنڌس پٽ رازن ۽ اسان تي سروڻن سان حملو ڪري وچ شهر ۾ سڌي فائرنگ ڪئي آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر دلاور ڪوسو ۽ سنڌس پٽ خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ڦل شهر ۾ پلاٽ جي هلندڙ تڪرار تان جهيڙي بعد سومرا برادري جي اڳواڻن شهري ايڪشن ڪاميٽي ڦل ۽ مذهبي جماعت جي اڳواڻن سميت شهرين پاران شٽربند هڙتال ڪري ڦل ٿاڻي اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو نعريبازي مظاهري جي اڳواڻي سومرا برادري جي اڳواڻن محمود سومرو، مولابخش سومرو، محمد جڙيل سومرو، حاجي عاشق سومرو، منظور سومرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مٺي ۾ سنڌ حڪومت پاران مفت
1122 ريسڪيو ايمبولنس
سروس شروع

مٺي(رپورٽر)مٺي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لعل ڏنو منگي جي ڪوشش سان سنڌ حڪومت پاران مٺي شهر ۾ مفت 1122 ريسڪيو ايمبولنس سروس شروع ٿي وئي آهي، هن وقت مٺي شهر ۾ ٻه 1122 ريسڪيو ايمبولنس موجود آهن، جنهن ۾ صحت جي حوالي سان ايمرجنسي بنيادن تي نرس اسٽاف سميت سمرريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: سومرا برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

گولاڙچي ۾ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان هينڊز اداري پاران ريلي

غريب ٻارن کي داخلائون ڏيڻ بدران اميرن جي ٻارن کي سفارش ۽ پئسن تي داخلائون ڏنيون ويون آهن : اڳواڻ

غريب ٻارن جا نالا لسٽ مان ڪٽي پئسن ۽ سفارش سان اميرن جي ٻارن جا نالا لسٽ ۾ شامل ڪيا آهن

اسڪول انتظاميا نالي ماتر ايڊوائزر جو ميسج هلائي پنهنجا من پسند ۽ سفارشي استاد اسڪول ۾ داخل ڪيا آهن

گولاڙچي(رپورٽر)سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان هينڊز اداري پاران هلندڙ پيپلز اسڪول شهيد فاضل راهو ۾ غريب ٻارن کي داخلائون نه ڏيڻ ، غريب ٻارن جي جڳهه تي اميرن جي ٻارن کي سفارش تي داخل ڪرڻ ۽ سفارشي استاد رکڻ خلاف نوجوان اتحاد گولاڙچي طرفان محفوظ اسماعيل نوتڪاڻي، لعل بخش چانڊيو، نويد سمون، امداد علي، مختيارعلي ۽ ٻين جي اڳوائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

خانپور ڀرسان راڻوت خان بروهي واسين پاران پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، نعريبازي

اخترجان، عنايت الله بروهي، هزارخان، مسمات در بيبي سميت مردن توڙي ٻارن ڪلام پاڪ کڻي احتجاج ڪيو

بااثر مختلف وقتن تي پوليس معرفت ناجائزيون ڪري اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ پريشر وڌو وڃي : مظاهرين

مختلف وقتن تي اسان جي ڳوٺ مٿان پوليس چڙهائي ڪري اسان سان ناحق ڪري رهي آهي، واهر ڪئي وڃي

خانپور(عتيق ابڙو)خانپور ڀرسان راڻوت خان بروهي واسي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، لونگ خان ،اخترجان عنايت الله بروهي هزارخان مسمات در بيبي سميت مردن توڙي ٻارن ڪلام پاڪ کڻي لوڌرا پوليس جي مبينا ڏاڍين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

چيلهار شهر ڪيترن ئي
مسئلن جي ور چڙهيل،
اختياريون خاموش

مٺي(رپورٽر)چيلهار شهر ڪيترن ئي مسئلن جي ور چڙهيل، ٽائون چيئرمين ۽ ڪائونسلرن جو ڌيان ۾ نه هئڻ جو نتيجو شهر واسي ڀوڳڻ لڳا، چيلهار شهر ۾ هن وقت مڇرن جو اهڙو آزار آهي جو ماڻهو رات نه هوندئين جاڳي گذارين ٿا ۽ ڏينهن جو به مڇرن جي آزار سبب ويهڻ محال آهي توڙي جو ٽئين آيل چيئرمين پاران پنهنجي حال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خانپور: راڻوت خان بروهي واسي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج ڪندي

مليرجي مسئلن ۽ زمين تي والار خلاف سنڌ انڊيجنئس رائٽس الائنس پاران احتجاجي ريلي

سيٽ لائٽ ٽائون نامنظور، 30 سالا زمينن جي ليز بحال ڪريو، 3لک ايڪڙ زمين ادارن حوالي ڪرڻ بند ڪريو جا اپ ڏاريندڙ نعرا

مقامي ماڻهن جون زمينون والاري زراعت، ملڪيت ۽ مالڪي تا بيدخل ڪرڻ جي سمورين سازشن کي رد ڪريون ٿا : اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) مليرجي مسئلن ۽ زمين تي والار خلاف سنڌ انڊيجنئس رائٽس الائنس پاران ميمڻ ڳوٺ جاي مک چوڪ کان عوامي پريس ڪلب ملير تائين سوين ماڻهن جي ريلي، سيٽ لائٽ ٽائون نامنظور، 30 سالا زمينن جي ليز بحال ڪريو، 3لک ايڪڙ زمين ادارن حوالي ڪرڻ بند ڪريو جا اپ ڏاريندڙ نعرا، ڪراچي جي دل مليرجي، خوشحال سرسبز ملير کي ڌارين جي ڪالوني بڻائي، مقامي ماڻهن جون زمينون والاري زراعت، ملڪيت ۽ مالڪي تا بيدخل ڪرڻ جي سمري سازشن کي رد ڪريون ٿا حڪمران هوش کان ڪم وٺي ملير کي تباهه ڪندڙ منصوبا ختم ڪني اڳواڻن جو ريلي کي خطاب تفصيل موجب مليرضلعي جي مسئلن ۽ زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نگران صحت وارو صوبائي وزير سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهرجي گهر پهچي ويو

ڊاڪٽر سعد خالد سان گڏجي سکرجي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهرجي گهر پهچي سنڌس گهرڀاتين سان تعزيت ڪئي

نگران صوبائي وزيرن سنڌ حڪومت پاران هڪ ڪروڙ رپين جو چيڪ مالي امداد طور سنڌس جي نياڻي ۽ ٻين گهرڀاتين حوالي ڪيو

جيڪي به ڪردار ان جي خون ۾ ملوث هوندا انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي کي يقيني بڻايو ويندو : ڊاڪٽر سعد خالد

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ جي قانون و انصاف انساني حقن ۽ مذهبي معاملن واري نگران صوبائي وزير محمد عمر سومرو، صحت جي نگران صوبائي وزير سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد سان گڏجي سکرجي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهرجي گهر پهچي سنڌس گهرڀاتين ۽ ٻين سرگوارن سان تعزيت ڪئي ۽ شهيد جان محمد مهرجي درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دوڙ رورل هيلٿ سينٽرجي
انتظاميا ۽ پيراميڊيڪل
اسٽاف ۾ ڇڪتاڻ تيز

نواب شاهه(رپورٽر) دوڙ رورل هيلٿ سينٽر جي انتظاميا ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي، ميڊيڪل سپرينٽنڊنٽ ڊاڪٽر اميراحمد عباسي پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ آفيسر جي هدايت تي پيراميڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻ ڊينٽل ٽيڪنيڪشن امجد علي ڪمبوهه کي فوري طورتي اسپتال جي انتظامن ۾ مداخلت ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: ڊاڪٽر سعد خالد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽي ۾ سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو ملاح جي شهيد جي ورسي تقريب

ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، وڏيرو محمد عرس گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، محمد ايوب ملاح، عبدالله آدم گندرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

شهيد اسامه گندرو کي 15 سال اڳ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم پرائيندي هڪ دهشتگرد تنظيم جي دهشتگردن گولين هڻي شهيد ڪري ڇڏيو هو : اڳواڻ

جنهن جا اڄان تائين قاتل به گرفتار ٿي ناهن سگهيا، شهيد اسامه آدم گندرو تمام ذهين شاگرد هو، جنهن پوري سنڌ مان پوزيشن حاصل ڪئي هئي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ)سنڌ ملاح فورم ضلعي ٺٽي پاران سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو ملاح جي شهيد پٽ اسامه آدم گندرو جي 15 هين ورسي تقريب مڪلي تي منعقد ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، وڏيرو محمد عرس گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو محمد خان مجلس تي ويندڙ عزادارن جو ڪوسٽر ڪاليءَ هٽ ڪوٽ، 20 زخمي

ماتلي ڀرسان ڪوسٽر جو ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا، حبيب خاصخيلي فوت ٿي ويو

لاش کي ٽنڊو باگو آڻي ٻئي ڏينهن ... بچل شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو

ٽنڊو باگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊو محمد خان مجلس تي ويندڙ عزادارن جي ماتلي ڀرسان ڪوسٽر جو ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي ماتلي ۽ حيدرآباد جي اسپتال پهچايو ويو زخمين مان ٽنڊو باگو شهر ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اوباوڙو ڀرسان ڳوٺ دائم خان جي رهواسين گنگل برادري ۾ جهيڙو

جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال داخل

زخمي کي پوليس علاج لاءِ ليٽر ڏئي تعلقه اسپتال موڪليو ويو

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو ڀرسان ڳوٺ دائم خان جي رهواسين گنگل برادري سان تعلق رکندڙ ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمي ۽ زخمين جي وارثن نور محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اوباوڙو: ڳوٺ دائم خان جا رهواسي گنگل برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

خانواهڻ ڀرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت

مرد مجاهد پاڪستان (پاڪ آرمي ايڪس مين) جي جوانن وفد تعزيت ڪئي

مرڪزي چيئرمين ايس ايم عبدالله ملاح، نجم الدين ٻانيڻ ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) رانيپور جي پيراسد شاهه جي حويلي ۾ بيدردي سان تشدد ڪري قتل ڪيل خانواهڻ ڀرسان ڳوٺ علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ ساس جي ادبي ويهڪ، اڳواڻن جي شرڪت

ساس پنهنجي مستقل مزاجيءَ وارين سرگرمين سبب سنڌ جي متحرڪ ترين شاخ آهي : اڳواڻ

اڄوڪي ويهڪ بزرگ شاعر تاج ٽڪڙائي جي پهرين ورسي تي ڀيٽا پيش ڪرڻ وارو قدم تحسين لائق آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران سنڌي ٻولي جي ناميار شاعر محمد دائود "تاج" ٽڪڙائي جي پهرين ورسي جي نسبت سان سنڌس ياد ۾ ادبي ويهڪ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽي ۾ درگاهه مسڻ شريف جو 42 هون ساليانو عرس مبارڪ جاري

مشهور ويراڳي فقيرن فقير امام علي بروهي، فقير محمد نواز جسڪاڻي ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

ادا محمد ميمڻ سميت ٻين مهمانن، مريدن طالبن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)ٺٽي ۾ درگاهه مسڻ شريف جو 42 هون ساليانو عرس مبارڪ جاري آهي، ميلي جي پهرين رات تي پڻ صوفياڻي محفل ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو: درگاهه مسڻ شريف جو 42 هون ساليانو عرس تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل نظر اچي رهيا آهن

صالح پٽ ۾ ڳوٺ راجهڙي جي رهواسين پاران احتجاج

مخالف ڌر جي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني ۽ لٺين سان حملو ڪيو آهي : مظاهرين

اسان زخمين کي روهڙي ۽ سکر اسپتال داخل ڪرايو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) ڳوٺ راجهڙي جي رهواسين جو صالح پٽ ۾ احتجاجي مظاهرو جنهن جي اڳوائي سجيڊنس محمد مصري ۽ علي حسن منگريو ڪري رهيا هئا هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جا چوڪرا جانورن کي نلڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽڪرانو ڀرسان ڳوٺ قيسڙ ۾ مهر برادري ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

جهيڙي جي زخمين ۾ عدنان مهر عبدالحفيظ مهر نصير مهر شامل

مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿيو آهي : پوليس

ٽڪرانو(ن سنڌيار) ٽڪرانو ڀرسان ڳوٺ قيسڙ ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو آهي جهيڙي ۾ لٺيون لڳڻ سبب هڪ ڌر جا 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن زخمين ۾ عدنان مهر عبدالحفيظ مهر نصير مهر شامل آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽڪرانو: ڳوٺ قيسڙ ۾ مهر برادري جا ماڻهو انصاف لاءِ احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسڪول اقرا گرلز بوائز مان چوري

نامعلوم چور ڏيڍ لک کان وڌيڪ ماليت جون سولر پليٽون ۽ بيٽريون چوري ڪري ويا

اطلاع ملڻ تي چوري رپورٽ داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي : پوليس

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان شهر جي مير پاڙي ۾ سرڪاري اسڪول اقرا گرلز بوائز سان نامعلوم چور ڏيڍ لک کان وڌيڪ ماليت جون سولر پليٽون ۽ بيٽريون چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا . اهڙي اطلاع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوجوان جاکوڙي صحافي جعفر گوپانگ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم ڪراچي جي سنڌي ڳوٺن جي حوالي سان مختلف بنيادي مسئلن بابت خبرون هلائيندو هو

صحافي جي وڇوڙي تي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب پاران ٽي ڏينهن سوڳ جو پڻ اعلان ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پنهور) ڪراچي جي سنڌي وسنڌي علائقن جي مالڪي ڪندڙ ۽ غريب عوام جو آواز بااعلي ايوانن تائين پهچائيندڙ نوجوان جاکوڙي صحافي جعفر گوپانگ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ گردن جي بيماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سجاول جو معزز شهري صادق علي ڪتي لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي اسڪول جي گرائونڊ تي حافظ غلام مصطفيٰ ڪتي قادري جي امامت ۾ ادا ڪئي وئي

سنڌس مڙهه کي اسماعيل شاهه بخاري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سجاول(ڊ ر)سجاول ۾ ايم آر سي ماجر رڪارڊنگ ڪمپني جو مالڪ صادق ڪتي گذريل ڏينهن اچانڪ دل جو دورو پڻ سبب هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن جي جنازي نماز هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ ادا ڪرڻ بعد بخاري قبرستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽو: سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو ملاح جي ورسي تقريب جو ڏيک

ڪموڻ شهيد ڀرسان سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو، فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

ڳوٺ وٽ سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو سارين ۽ ڪپاهه جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو، آبادگار پريشان

واهن جي بندش بعد واهن جي مٽي وڪرو ڪئي ويندي آهي جنهن سبب گهارا پئجي رهيا آهن : آبادگار

معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪري ايريگيشن ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

اوباوڙو (غلام علي رند) ڪموڻ شهيد ڀرسان سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو سارين ۽ ڪپاهه جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو، آبادگار ... آهي ته واهن جي بندش بعد واهن جي مٽي وڪرو ڪئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سنڌ جي نگران حڪومت ڪچي ۾ ڌاڙيلن
خلاف رينجرز جي نگراني ۾ ڀرپور آپريشن
ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي نگران حڪومت ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف رينجرز جي نگراني ۾ ڀرپور آپريشن ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، سينيئر صحافي جان محمد مهر کي بروقت طبي امداد نه ملڻ واري معاملي جي جاچ ڪرڻ جو يقين ڏياريو،شهيد صحافي جان محمد جي وارثن کي سنڌ حڪومت طرفان اعلانيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اوباوڙو: ڪموڻ شهيد ڀرسان سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو لڳل نظر اچي رهيو آهي

بدين يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ مرتضيٰ ميمڻ ۽ سنڌس ڀائرن کي عدالت بري ڪري ڇڏيو

بااثرن حملو ڪري صحافي مرتضيٰ ميمڻ جي ڀاءُ اياز ميمڻ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو هو

جوابدارن ڪيس داخل ڪرائي گرفتار ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر صحافي ضمانت ڪرائي ورتي هئي

بدين(ڊ ر) بدين جو سينيئر صحافي بدين يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ مرتضيٰ ميمڻ ۽ سنڌس ڀائرن چيمبر آف ڪامرس بدين جو صدر غلام مصطفي ميمڻ اياز ميمڻ محمد حسن ميمڻ کي ڪورٽ سڳوري باعزت بري ڪري ڇڏيو تفصيل مطابق 9 مهينا پهرين 9 ڊسمبر 2022 تي ميمڻ ڪميونٽي سينٽر لڳ ڪچي آبادي ۾ صحافي مرتضي ميمڻ جي ڀائرن اياز ميمڻ ۽ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

خانواهڻ ڀرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت جاري

نگران وزير صحت، پبلڪ هيلٿ انجينئرنگ ۽ سماجي ڀلائي سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد نياز ۽ ٻين ٽڏي پهچي تعزيت ڪئي

اسان فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان گڏ بيٺل آهيون، قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تي پهچايو ويندو : ڊاڪٽر سعد خالد نياز

فاطمه ڦرڙو جي پيءُ ماءُ ۽ گهرڀاتين کي سندن رضامندي سان ڪراچي منتقل ڪري رهائش جو بندوبست ڪري تحفظ فراهم ڪبو

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) رانيپور ۾ بيدردي سان تشدد ڪري قتل ڪيل خانواهڻ ڀرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ لاءِ نگران وزير صحت، پبلڪ هيلٿ انجينئرنگ ۽ سماجي ڀلائي سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد نياز، نگران وزير قانون مذهبي امور ۽ انساني حقوق محمد عمر سومرو، ڊي جي هيلٿ ڊاڪٽر ارشاد احمد ميمڻ، ڊي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

اسان جو عزم انسان جي
خدمت ڪرڻ آهي : زاهد
جسڪاڻي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي)ٽنڊو محمد خان جيئي سنڌ محاذ مرڪزجي سڏ 30 آگسٽ تي انسان جي عالمي ڏهاڙي تي احتجاجي مظاهري کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ محاذ لاڙ ڊويزن جو صدر زاهد جسڪاڻي ضلعي چيف آرگنائيزر اصغر نوناري سليم هاليپوٽو ايوب ڪوريجو صدام زنگيجو ساجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خانواهڻ: نگران وزير صحت ڊاڪٽر سعد خالد نياز معصوم ٽينگري جي وارثن وٽ ويٺل آهي

ڪنڊيارو ۾ دماغي صحت ۽ نفسياتي مدد بابت تقريب

سيشن جو مقصد ذهني صحت ۽ نفسياتي مدد بابت شاگردن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي : ڪامران راڄپر

سماج ۾ ذهني صحت جي مسئلن جي بنيادي سببن ۾ دٻاءُ، مشڪل زندگي ۽ مناسب مدد جي کوٽ شامل آهي

صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سماج اڳيان اچي، ان لاءِ جهڙي ريت اسان پنهنجي جسماني صحت جو خيال رکون ٿا

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو غلام رباني آگرو ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو ۾ دماغي صحت ۽ نفسياتي مدد بابت اسڪول آف ليڊرشپ فائونڊيشن جي انتظار هيٺ ۽ يونيسيف جي سهڪار سان هڪ شاندار سيشن ٿي گذريو سيشن جو مقصد ذهني صحت ۽ نفسياتي مدد بابت شاگردن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ هو سيشن جي اسپيڪر/ ٽرينر ڪامران راڄپر ٻڌايو ته اسان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

وارهه ۾ پنا شاخ جي صفائي سٽرائي ۽ ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سماجي اڳواڻ نياز حيدري جي اڳواڻي ۾ تعلقه پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي وئي

پنا شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب نه صرف علائقي جي زراعت متاثر ٿي آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي پنا شاخ جي ڪاٽي ڪٺائي پنا شاخ ۾ ڇوڙ ٿيندڙ گندي پاڻي جو نيڪال بند ڪرائي ڏنو وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه شهر جي وچان گذرندڙ پنا شاخ جي صفائي سٽرائي ۽ ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف سماجي اڳواڻ نياز حيدري جي اڳوائي ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ڪري انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مڪلي جي ڳوٺ محمد
اسماعيل بروهي جي رهواسي
پاران احتجاج

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي جي ڳوٺ محمد اسماعيل بروهي جي رهواسي علي دوست ولد اسماعيل بروهي مڪلي تي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو اهي ته سنڌس والد محمد اسماعيل بروهي، ڪامران، سنڌس ڀاءُ غلام رسول، منير، امتياز، لياقت بروهي ۽ ٻين سنڌس پلاٽ تي قبضو ڪري ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه: پنا شاخ جي صفائي سٽرائي ۽ ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪوٽ غلام محمد ۾ معصوم نياڻي فاطمه ۽ صحافي جان محمد مهر واري واقعي خلاف احتجاجي ريلي

ڊاڪٽر سرفراز احمد خاصخيلي ۽ ڪامريڊ تاج محمد سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعريبازي

شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري سرعام ڦاسي ڏيڻ جو مطالبو، ايثار ثواب لاءِ دعا گهري وئي

وحشي جوابدار اسد شاهه کي بچائڻ جي ڪوشش تي ته اسان مظلوم نياڻي جي وارثن سان گڏجي سخت احتجاج ڪنداسين : مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) رانيپور جي معصوم نياڻي فاطمه ۽ سکر جي صحافي جان محمد مهر واري واقعي خلاف ڪوٽ غلام محمد جي شهر ڏهون ميل موري تي يوسي مير الهداد خان ٽالپر جي وائس چيئرمين حافظ حبيب الله خاصخيلي يوسي رئيس غلام مصطفي خان پرڳڙي جي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر حاجي عبدالرشيد خاصخيلي، نيشنل پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور ۾ امام حسين ع جي چاليهي ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ زائرين لاءِ 10 روزه موڪب ۾ آمد جاري

هي موڪب زهرا اڪيڊمي پاڪستان جي چيئرمين علامه ڊاڪٽر شبيع الحسن جي تعاون سان لڳايو ويو آهي : اڳواڻ

موڪب ۾ زائرين جي علاج معالج لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ ۽ نماز ادا ڪرڻ ۽ آرام جون سهولتون موجود آهن

هن وقت تائين زائرين جي علاج معالج لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ ۽ نماز ادا ڪرڻ ۽ آرام جون سهولتون موجود آهن

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ امام حسين جي چاليهي ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ زائرين لاءِ 10 روزه موڪب ۾ آمد جاري، موڪب ۾ ڪاڏي پيتي، علاج معالج ۽ نماز ادا ڪرڻ، آرام جون سهولتون موجود آهن. هيل تائين تيرنهن سئو زائرين موڪب ۾ اچي چڪا آهن ۽ وڌيڪ ٽن ڏينهن تائين موڪب جاري رهندو . صدر شيعه علماء ڪائونسل لاڙڪاڻو ڊويزن علي احمد ٻرڙو تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڏوڪري جي شهاب پبلڪ
اسڪول ۾ ميون جي عالمي
ڏينهن تي هڪ تقريب

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري جي شهاب پبلڪ اسڪول ۾ ميون جي عالمي ڏينهن تي هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ اسڪول جي شاگرد، شاگرديائين ۽ استادن سميت سماجي ڪارڪن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ اسڪولي ٻارڙن مختلف ميون صوف، ڪيلا، انگور، ڏاڙهون ۽ ٻين ميون جا خاڪا ٺاهي رنگ ڀريا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور: امام حسين ع جي چاليهي ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ زائرين ويٺل نظر اچي رهيا آهن

سجاول ۾ جماعت اسلامي جي 82 هين يوم ياسيس جي حوالي سان ڪنونشن منعقد

امير محمد حسن محنتي، جماعت اسلامي يوٿ ونگ سنڌ جي صدر ڊاڪٽر امتياز پالاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

جماعت اسلامي هڪ ديني جماعت آهي، هن جماعت جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي : امير محمد حسن محنتي

جماعت اسلامي چاهي ٿي ته ملڪ ۾ غربت ختم ٿئي، غريبن جا ٻار پڙهي اعليٰ تعليم حاصل ڪن

سجاول (رپورٽ ممتاز علي ٿهڻيو) جماعت اسلامي ضلعي سجاول پاران جماعت اسلامي جي 82 هين يوم ياسيس جي حوالي سان سجاول شهر ۾ ڪنونشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسن محنتي، جماعت اسلامي يوٿ ونگ سنڌ جي صدر ڊاڪٽر امتياز پالاري، جماعت اسلامي ضلع ٺٽي جي امير الطاف احمد ملاح، نائب صدر ٺٽو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) آچر 27 آگسٽ 2023 ع بمطابق 09 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 91

بجلي جي بلن ۾ واڌ خلاف مختلف شهرن ۾ احتجاج، وزيراعظم اڄ اهم اجلاس طلب ڪري ورتو

لاهور، ڪراچي، راولپنڊي، گوجرانوالا ۽ پشاور سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، ڪراچي ۾ بجلي جي قيمتن ۾ واڌ تي جماعت اسلامي ۽ واپارين ڪي اليڪٽرڪ خلاف سخت احتجاج ڪيو

راولپنڊي ۾ ڪميٽي چوڪ تي مظاهرو، بجلي جي بلن کي باهيون، لاهور جي علائقي ڪاهنه ۾ شهري وڏيڪ بلن خلاف روڊن تي اچي ويا، ليسڪو خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

تلہ گنگ ۾ ٽريفڪ چوڪ کي بلاڪ ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو، احتجاج ۾ واپاري، سياسي، سماجي، وڪيل ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، گوجرانوالا ۾ مهانگي بجلي جي بلن خلاف مظاهرين گيپڪو آفيس جو گهيراءُ ڪيو

پشاور ۾ مظاهرين بجلي جي بلن ۾ واڌ برداشت نہ ڪرڻ جوڳو قرار ڏيندي حڪومت کان ريليف گهري ورتو، نارووال، اٽڪ، سرگودها ۽ هري پور سميت ٻين شهرن ۾ بہ شهرين جا مظاهرا

مهانگائي جي هن دور ۾ بجلي جي بل ۾ اضافو عوام جي برداشت کان ٻاهر ٿي ويو آهي، غريب عوام ٻن وقتن جي ماني پوري ڪري يا بجلي جا ڳرا بل جمع ڪرائي: شهرين جون ڏانهون

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ بجلي جي ڳاٽي ٽوڙ بلن واري معاملي جو نوٽيس وٺندي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو، بجلي واري وزارت ۽ بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين کان بريفنگ ورتي ويندي

لاهور (م د) بجلي جي بلن ۾ واڌ عوام جي صبر جو پيمانو لبريز ڪري ڇڏيو لاهور، ڪراچي، راولپنڊي، گوجرانوالا ۽ پشاور سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن. ڪراچي ۾ بجلي جي قيمتن ۾ واڌ تي جماعت اسلامي ۽ واپارين ڪي اليڪٽرڪ خلاف سخت احتجاج ڪيو جڏهن تہ راولپنڊي ۾ مظاهرين ڪميٽي چوڪ تي جمع ٿيا، مظاهرين بجلي جي بلن کي باهيون ڏيندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آمريڪا سان لاڳاپا آهن، ضروري ناهي تہ ان جي هر ڳالهہ مڃي وڃي: نگران وزيراعظم

آمريڪي سان اسان جا ھاڪاري ۽ تعميري لاڳاپا آهن ۽ اسان پاڪستان آمريڪا سان ڏگهي ۽ هاڪاري پائيداريءَ جو خواهشمند آهيون، پراهو ضرورت ناهي تہ آمريڪا سان هر معامي تي اتفاق ٿئي

پاڪستان ۽ آمريڪي گڏجي دهشتگرديءَ خلاف ڏگهي ويڙهہ وڙهي آهي، اسان گڏجي عالمي امن لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو، پهرين اسان جي پاڙي ۾ هڪ وڏي سپر پاور روس موجود رهيو

آمريڪا جي قيادت ۾ اولهہ وارن ملڪن جو اتحاد بہ اسان جي پاڙي ۾ رهيو، جغرافيائي لحاظ کان عالمي طاقتن جي پاڙي ۾ موجودگي جو اسان تي گهرو اثر پيو

پاڪستان ماحولياتي تباهي سان وڏيڪ متاثر ٿيو آهي، ملڪ ۾ مسئلا وڏيڪ ۽ وسيلا گهٽ آهن، جمهوريت ئي پارليامينٽ جي مضبوطي جي ضامن آهي: انورالحق

جمهوري معاشري ۾ هر فرد جي حقن جو تحفظ ضروري آهي، بهتر موقعا حاصل ڪرڻ لاءِ نوجوانن جي پرڏيهہ وڃڻ کي خراب نہ سمجهيو وڃي، چاهي پهريون پيرو آهي تہ نوجوان ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيا آهن؟

گذريل 48 ڪلاڪن کان مونکي سوشل ميڊيا تي هڪ اڻپوري بيان سبب ٽرول ڪيو پيو وڃي جنهن جي مان وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي: اجلاس کي خطاب

اسلام آباد (بيورو) نگران وزير اعظم انوار الحق ڪاڪڙ بجلي جي ڳاٽي ٽوڙ بلن واري معاملي جو نوٽيس وٺندي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. بجلي بلن وارن معاملي تي نگران وزير اعظم انوار الحق ڪاڪڙ نوٽيس وٺندي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. وزيراعظم آفيس جي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ وزيراعظم بجلي جي ڳرن بلن واري معاملي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمران خان ضمانتون رد ڪرڻ جا فيصلا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيا

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سيشن ڪورٽ مان 6، اي ٽي سي مان 3 ضمانتون رد ٿيون: درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي

عمران خان جي 9 ڪيسن ۾ ضمانت رد ڪرڻ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، ضمانتون بنا ھڏٽي جي رد

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پنهنجون ضمانتون رد ڪرڻ جا فيصلا عدالت ۾ چيلينج ڪري ڇڏيا آهن. 9 مئي، جوڊيشل ڪمپليڪس حملو ۽ ڪرپشن سميت 9 ڪيسن ۾ ضمانتون رد ڪرڻ جي فيصلي کي عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نئين دهلي ۾ مسلمانن سان تعصب، هندو ماستريائي انسانيت جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا

نئين دهلي (م د) ڀارتي رياست اتر پرديش جي هڪ اسڪول جي وڊيو سوشل ميڊيا تي سامهون آئي آهي جنهن عورت ٽيچر انسانيت جا بکيا اڌيڙي ڇڏيا آهن. ڀارتي ميڊيا موجب جمعي جي ڏينهن منظرعام تي آيل ان وڊيو ۾ ڀارت جي سپ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

عمران خان فوج خلاف انقلاب آڻڻ پئي چاهيو: پرويز خٽڪ

جنرل (ر) فيض حميد ۽ قمر جاويد باجوا چوندڙ لاءِ ماحول ٺاهيو پر عمران خان نہ مڃيو، جنرل (ر) جنرل (ر) فيض حميد اليڪشن جو ماحول ٺاهيو

شهباز شريف لکنو تہ اسيمبلي ٽوڙي ويندي، هن عمران خان کي ڏرٽو ختم ڪرڻ جو چيو پر پي ٽي آءِ چيئرمين نہ مڃيو، مان ٻيو ڪجهہ نٿو ڪري سگهان

عمران خان 18 هين ترميم جي خلاف هو، اعظم خان حڪومت هلائي رهيو هو ٻين مدد ڪئي، عمران خان فوج خلاف انقلاب آڻڻ چاهي ٿو

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي پارلياماني ليڊر پرويز خٽڪ دعويٰ ڪئي آهي تہ عمران خان فوج خلاف انقلاب آڻڻ چاهي ٿو. جنرل (ر) قمر جاويد باجوا اسان جو گهٽ سات ڏنو پر هن آخر ۾ هٿ مٿي ڪري ڇڏيا. پشاور ۾ پي ٽي آءِ پارلياماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اضافي بجلي بلن خلاف سڄي ملڪ ۾ احتجاج، اجلاس طلب

پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ڇنڇر تي بہ بجلي جي غير معمولي بلن ۽ اضافي ٽيڪسز خلاف احتجاج جاري آهي

عوام جو بلن جي ادائگي کان انڪار، تاجر تنظيمن سميت عام شهري بہ ڪشمير کان ڪراچي تائين مختلف شهرن ۾ سراپا احتجاج

حڪومت ڪمپنين جي اضافي گنجائش جي مد ۾ 146 ارب روپيا صارفين کان وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ذريعا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ڇنڇر تي بہ بجلي جي غير معمولي بلن ۽ اضافي ٽيڪسز خلاف احتجاج جاري آهي. عوام بل ساڙي رهيو آهي ۽ بلن جي ادائگي کان انڪار ڪري رهيو آهي. تاجر تنظيمن سميت عام شهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مُلڪي سلامتي جي ادارن خلاف زهر اوڳاڇيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جو گهيرو تنگ

ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل جن ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو انهن ۾ حماد اظهر، مسرت جمشيد چيما، قاسم سوري، عمر سرفراز چيما ۽ اعظم سواتي شامل آهن

پي ٽي آءِ جي اڳواڻ اڳواڻ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي موجوده اليبرعلي زيدي ۽ فواد چوڌري بہ ڪيس ۾ نامزد آهن. سمورن جوابدارن کي گذريل مهيني وضاحت لاءِ طلب ڪيو ويو هو

طلبي باوجود اڃا تائين نہ ڪو اڳواڻ پيش ٿيو ۽ نہ جواب جمع ڪرايو جنهن ڪانپوءِ ثبوتن ۽ بيانن جي روشني ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو، ايف آءِ اي اختيارين

لاهور (م د) مُلڪي سلامتي وارن ادارن ۽ سرڪاري عهديدارن خلاف زهر اوڳاڇيندڙ پي ٽي آءِ جي اهم اڳواڻن خلاف هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل جن ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو انهن ۾ حماد اظهر، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاڙڪاڻو: ڪرمان باغ پاڙي جي رهواسي نوجوان عبدالرحمان شيخ جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ڪرمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

فاطمہ ڪيس ۾ اسد شاهہ پوليس حوالي، گڏيل قومن ۾ بہ درخواست داخل

خيرپور (رپورٽر) رانيپور ۾ ٻاالثر پير جي گهر ۾ تشدد سبب فوت ٿيل فاطمہ ڦرڙو جي قتل ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سکر: سنڌ جو نگران وزير قانون عمر سومرو ۽ نگران وزير صحت ڊاڪٽر سعد خالد ميڊيا سان ڳالهائيندي

ايم ڪيو ايم ۾ سخت اختلاف پيدا ٿي ويا، اهم اڳواڻن پارٽي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

ڊاڪٽر فاروق ستار جي ڇنڇر تي ٿيندڙ پريس ڪانفرنس بہ ملتوي ڪئي وئي آهي، ايم ڪيو ايم جو هڪ اهم اڳواڻ ڪراچي ۾ اهم عهدن تي رهي چڪو آهي

ڪيس ڪجهہ اهم معاملن تي سخت اختلاف آهن، پيپلز پارٽي جي هڪ اهم عورت اڳواڻ سان سندس ملاقات جون خبرون بہ گرم آهن اهو بہ چيو پيو وڃي

هن پنهنجي ڪجهہ ساٿين سميت پ پ ۾ شامل ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني آهي ڇنڇر تي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اجلاس ۾ پارٽي اختلافن تي بہ گرما گرم بحث جا اشارا مليا رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سخت اختلاف پيدا ٿي ويا آهن. ايم ڪيو ايم پاڪستان ۾ سخت اختلافن ڪانپوءِ ڪجهہ اهم اڳواڻن پارٽي ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر فاروق ستار جي ڇنڇر تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڀارت: ٽرين ڀيانڪ حادثي جو شڪار، ڇهن عورتن سميت ڏهہ ڄڻا سڙي فوت

حادثو تامل ناڊو رياست جي مدوراءِ ريلوي اسٽيشن تي ڇنڇر جي ڏينهن پيش آيو جتي ٽرين جي اسٽيشنري ڪمپارٽمينٽ ۾ اوچتو باهہ لڳي وئي

ٽرين جي پرائيويٽ ڪوچ ۾ سوار مسافر طرفان چانهہ ناهڻ لاءِ گئس سلينڊر جو استعمال ڪيو ويو جنهن سبب ڪوچ ۾ باهہ لڳي وئي ۽ زوردار ڌماڪو ٿيو

واقعو صبح جو اٽڪل سوا 5 وڳي پيش آيو جنهن ڪانپوءِ فائر برگيڊ عملو ست وڳي ريلوي اسٽيشن تي پهتو ۽ باهہ تي ضابطو آندو: تامل ناڊو وارو وزير

مدوراءِ (م د) ڀارتي رياست تامل ناڊو ۾ ٽرين ۾ باهہ لڳڻ سبب ڏهہ ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب، اهو حادثو تامل ناڊو رياست جي مدوراءِ ريلوي اسٽيشن تي ڇنڇر جي ڏينهن پيش آيو جتي ٽرين جي اسٽيشنري ڪمپارٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ملڪ آئين، قانون جي حڪمراني ۽ برابري ڪانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهي: اياز لطيف پليجو

پيپلز پارٽي اقتدار خاطر سنڌ ورهائڻ ۾ سهولتڪار ٿي، هنن ٻئون نظام آڻي سنڌ کي ورهايو، هنن ڪوڙي ڊجيٽل آدمشماري ڪري سنڌ کي ڪاپاري نقصان ڏنو

سنڌ جو عوام ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ دشمن ڪردار کي رد ڪري، سنڌ کي ترقي يافتہ خوشحال ڏسڻ جا خواب ڏسندڙ ماڻهو ڪريٽ نمائندن سان مقابلو ڪن

سنڌ جا وسيلا سنڌ جي ماڻهن جا آهن، اسين اهڙي سنڌ چاهيون ٿا جنهن ۾ برابري هجي، عورت کي آزادي هجي، نوجوانن کي اعليٰ تعليم ۽ روزگار جا موقعا هجن

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ سنڌ جي ڪجهہ ضلعن کي صحافين، عورتن، ٻارن ۽ انساني حقن جو مقتل گاهہ بڻايو ويو آهي. 13 ڏينهن گذرڻ باوجود اڃان تائين شهيد جان محمد مهر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڀارت ۾ ٽرين کي باهہ، 10 مسافر سڙي فوت

اهو حادثو تامل ناڊو رياست جي مدوراءِ ريلوي اسٽيشن تي پيش آيو

جتي ٽرين جي اسٽيشنري ڪمپارٽمنٽ ۾ اوچتو باهہ لڳي وئي: ڀارتي ميڊيا

نئين دهلي (م د) ڀارتي رياست تامل ناڊو ۾ ٽرين ۾ باهہ لڳڻ سبب 10 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڀارتي ميڊيا موجب اهو حادثو تامل ناڊو رياست جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان جو ايف آءِ اي ٽيم سامهون هڪ ڀيرو ٻيهر سائفر گم ڪرڻ جو اعتراف

ايف آءِ اي ٽيم جيل ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين کان هڪ ڪلاڪ تائين پڇا ڳاڇا ڪئي

5 آگسٽ تي اسلام آباد جي عدالت توشہ خانہ ڪيس ۾ عمران خان کي 3 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي

اٽڪ (م د) ايف آءِ اي جي ٽي رڪني ٽيم اٽڪ جيل ۾ قيد تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان سان سائفر ڪيس بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

پي ٽي آئي اڳواڻن تي ادارن کي بدنام ڪرڻ جو ڪيس داخل

ايف آءِ اي سائبر ڪرائيم سرڪل ڪيس داخل ڪري ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي

ايف آءِ آر ۾ حماد اظهر، مسرت جمشيد چيمہ ۽ عمر سرفراز چيمہ کي نامزد ڪيو ويو آهي

لاهور (م د) ملڪي سلامتي وارن ادارن ۽ سرڪاري عهديدارن کي بدنام ڪرڻ تي پي ٽي آءِ جي موجوده ۽ اڳوڻن اڳواڻن جي خلاف هڪ ٻيو ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايئرپورٽن تي پڪين کي مارڻ لاءِ جديد سسٽم لڳائڻ جو فيصلو

برڊ ريپيلنٽ سسٽم لڳائڻ جو ٺيڪو جنهن فرم کي ڏنو ويندو، اها اڳ ۾ ان سسٽم جي ٽيسٽنگ ڪرائيندي

ان جديد سسٽم کي لڳائڻ لاءِ ملڪي ۽ پرڏيهي ڪمپنين رابطو ڪري سگهن ٿيون: سول ايوي ايشن اختيارين

ڪراچي (رپورٽر) سول ايوي ايشن اٿارٽي ملڪ جي ٽن وڏن ايئرپورٽن ڪراچي، لاهور ۽ اسلام اباد تي جهازن سان پکي ٽڪرائجڻ جي واقعن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

وزير ارشد ولي محمد ۽ گلگت بلتستان جي گورنر مهدي علي شاهہ وچ ۾ ملاقات

گلگت بلتستان ۽ سنڌ صوبي جي رچ ۾ سياحتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق ڪيو آهي: ارشد ولي محمد

سياحت جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، گلگت بلتستان وانگر سنڌ بہ سياحتي ماڳن سان مالامال آهي

ڪراچي (پ ر) سنڌ جي سياحت ۽ ماحوليات واري نگران وزير ارشد ولي محمد ۽ گلگت بلتستان جي گورنر مهدي علي شاهہ وچ ۾ ملاقات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: نگران صوبائي وزير ارشد ولي محمد گلگت بلتستان جي گورنر سان ملاقات ڪندي

ڪراچي: همراهہ رت نہ ملڻ تي بلڊ بئنڪ عملي تي هٿيار تاڻي ورتو

بلڊ بئنڪ جي سرڪاري ۽ نجي ملازمن پوليس ۽ رينجرز کي طلب ڪري ورتو

پوليس نجي ملازم کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي: انتظاميہ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي جناح اسپتال جي بلڊ بئنڪ ۾ رت نہ ملڻ تي هڪ شخص هٿيار ڪڍي پهچي ويو نجي ملازم اسپتال ۾ موجود اين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اوباوڙو: گنگل برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا

نور محمد گنگل، فضل الرحمان گنگل، امداد گنگل، الاهي بخش گنگل محمد نواز گنگل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

برادري سان پاڻي جي معاملي تان جهيڙو ٿيو هو مخالف ڌر ان آڙ ۾ بہ ڏينهن اڳ اسان جي ڳوٺ داخل ٿي ڪاهہ ڪئي هئي: وڏيرو فضل الاهي گنگل

جوابدار اسان جي پنج ماڻهن کي سخت زخمي ڪري موقعي تان فرار ٿي ويا آهن اهڙي فرياد اسين ڪٿي اوباوڙو ٿاڻي تي ڀرياسين: زخمي نور محمد گنگل

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙو پرسان ڳوٺ دائم خان جي رهواسين گنگل برادري سان تعلق رکندڙ ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شهيد جان محمد مهر قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ احتجاج، حڪومت صحافين جا مطالبا مڃي ورتا

سنڌ جي نگران حڪومت شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي ۾ احتجاج ڪندڙ صحافين جا مطالبا مڃي ورتا آهن

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو صحافين طرفان ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان صحافي شريڪ ٿيا

ان موقعي تي سموري سنڌ مان آيل صحافين پريس ڪلب آڏو صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي پڻ ڪئي وئي

سنڌ جي صوبائي نگران گهرو وزير رٽائرڊ برگيڊيئر حارث نواز احتجاج ڪندڙ صحافين جي نمائندن کي گهرائي ڳالهيون ڪيون

صوبائي وزير شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل آپريشن شروع ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران حڪومت شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي ۾ احتجاج ڪندڙ صحافين جا مطالبا مڃي ورتا آهن. شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو صحافين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پي ٽي آءِ چيئرمين کي سزا ٻڌائيندڙ جج همايون دلاور کي هٽائڻ جا ڪارڻ سامهون اچي ويا

اسلام آباد (بيورو) جوڊيشل آفيسر کي خطري سبب هاءِ ڪورٽ جي جج سڪيورٽي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا. توشہ خانہ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي سزا ٻڌائيندڙ جج همايون دلاور کي هٽائڻ جا ڪارڻ سامهون اچي ويا ذريعن موجب همايون دلاور برطانيا ۾ ٽريننگ ڪرڻ بعد واپس اچي چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صحافي جان محمد جي قتل خلاف صحافي برادري جو ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاج

نيب مڪيش ڪمار چاولا جي اربين روپين جي ڪرپشن خلاف جاچ تيز ڪري ڇڏي

نيب اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي پيءُ ماءُ سميت 15 گهرڀاتين جي ملڪيتن جا تفصيل بہ گهرائي ورتا

مڪيش ڪمار چاولا جي پيٽيوي جيرام تلريجا ۽ سندس 5 گهرڀاتين جي ملڪيتن جا تفصيل پيش ڪرڻ جو بہ حڪم

مڪيش ڪمار چاولا ۽ سندس فرنٽ مين بٽيل ماڻهن ايڪسائيز ۽ خوراڪ کاتي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي: نيب

ڪراچي (رپورٽر) نيب اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي اربين روپين جي ڪرپشن خلاف جاچ تيز ڪري ڇڏي. مڪيش ڪمار چاولا جي هڪ وڏيڪ فرنٽ مين حسن علي شريف ۽ اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز وحيد شيخ کان آڏي پڇا. ٻنهي کي 29 آگسٽ تائين ملڪيتن جا تفصيل جمع ڪرائڻ جو حڪم. نيب جي جاچ دوران مڪيش ڪمار چاولا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان کي سستي گيس، بجلي ۽ تيل ڏئي سگهون ٿا: ايراني سفير

ايران ۽ پاڪستان جي گاڏي وارن شهرن ۾ سڌي ريٽ اڏامون شروع ڪيون وينديون ان لاءِ ايران پاڪستان کي باضابطہ تجويز ڏني آهي

ڪابينہ جي اجلاس مان منظوري وٺڻ کان پوءِ اڏامون شروع ڪرڻ جي باري ۾ اتفاق ڪيو ويو آهي: ايراني سفير رضا اميري مقدم

هن وقت آمريڪي پابنديون آهن ان لاءِ اسان اهڙو حل چاهيون ٿا تہ پاڪستان ايران کان گيس پائپ لائين وٺي تہ ان کي پريشاني نہ ٿئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد ۾ مقرر ايراني سفير رضا اميري مقدم چيو آهي تہ اسان پاڪستان کي سستي گيس، بجلي ۽ تيل ڏئي سگهون ٿا. اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي قومي اخبارن جي ايڊيٽرن جي مان ۾ ڊنل مانجهاندي دوران پڇيل سوالن جي جواب ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم چيو تہ ايران ۽ پاڪستان جي گاڏي وارن شهرن ۾ سڌي ريٽ اڏامون شروع ڪيون وينديون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جي نگران وزيرن جي فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت، انصاف جي خاطري

صحت وارو وزير خالد سعد ۽ قانون وارو وزير محمد عمر سومرو مقتول ٻارڙي فاطمہ ڦرڙو جي گهر پهتا

نگران صوبائي وزيرن مقتولا جي والدين سان ملاقات ڪئي ۽ واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا، انصاف جي خاطري

توهان جي هر قسم جي قانوني ۽ مالي مدد ڪئي ويندي، قاتل قانون جي پڪڙ کان نہ بچي سگهندا: صوبائي وزير

نوشهرو فيروز (م د) سنڌ جي صحت ۽ قانون واري نگران وزيرن فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪري کين انصاف جي خاطري ڪرائي. صحت وارو وزير خالد سعد ۽ قانون وارو وزير محمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

خانواهڻ: صوبائي وزير مقتول فاطمہ ڦرڙو جي ماءُ کان تفصيل معلوم ڪري رهيا آهن

مودي ڀارتي چونڊون کٽڻ لاءِ وڏي حملي جي رٿابندي

نئين دهلي (م د) مشهور ڀارتي قانوني ماهر مودي جي شيطاني منصوبي جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا. سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ پرشانت ڀوشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سول سوسائٽي حيدرآباد جي مختلف تنظيمن پاران فاطمہ ڦرڙو جي قتل خلاف احتجاج

فاطمہ ڦرڙو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري معصوم نياڻيءَ سان انصاف ڪيو وڃي: نذير قريشي ۽ ٻيا اڳواڻ

ننڍي عمر جي ٻارن کان جبري طور تي پورهيو ڪرائڻ غير قانوني آهي تنهن ڪري چائلڊ ليبر تي مڪمل طور پابندي لڳائي

حويلي ۾ قيد سمورن نابالغ ٻارڙن کي آزاد ڪرائي نابالغ ٻارن کان جبري طور پورهيو ڪرائيندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) سول سوسائٽي حيدرآباد جي مختلف تنظيمن پاران گڏيل طور تي فاطمہ ڦرڙو جي وحشياڻي قتل خلاف ارلڊ ڪيمپس حيدرآباد کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب حيدرآباد آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسان کي پوري اميد آهي تہ چونڊون وقت تي ٿينديون: ناصر حسين شاهہ

اميد آهي تہ نگران حڪومت پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندي ٽن مهينن ۾ حڪومت ڇڏيندي

نگران حڪومت مان بهتر اميدون رکڻ گهرجن، بجلي جا بل گنجائش کان وڌيڪ اچن ٿا جيڪي عوام جي وس کان ٻاهر آهن

پيپلز پارٽي جو وفد اليڪشن ڪميشن ڏانهن ويندو جڏهن تہ وفد ۾ نويد قمر، قمرزمان ڪائره ۽ مراد علي شاهہ شامل آهن: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ سنڌ جي اڳوڻي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ اڄ ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ ايٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ستلج درياهہ ۾ ٻوڏ واري صورتحال برقرار، پي ڊي ايم اي وارننگ جاري

لاهور (م د) ستلج درياهہ ۾ ٻوڏ واري صورتحال آهي، جڏهن تہ هيڊ اسلام وٽ اوچائي سطح جي ٻوڏ آهي. پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) وارننگ جاري ڪندي سمورن لاڳاپيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: اڳوڻو صوبائي وزير ناصر شاهہ ايٽس اينڊ بيٽس جي نمائش جو افتتاح ڪندي

ن ليگ چونڊ مهم ڪيئن هلائيندي؟ لنڊن ميٽنگ جي اندروني ڪهاڻي

مريم نواز چونڊن کان اڳ اهم شخصيتن کي هدف بڻائيندي انهن جون ڳجهيون آڊيوز عوام سامهون آڻيندي

مهم نواز شريف جي ڏيهہ واپسي کان اڳ سوشل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڀرپور نموني هلائي ويندي

لاهور (م د) ن ليگ چونڊ حڪمت عملي لاءِ لنڊن ميٽنگ ۾ اهم فيصلا ڪري ورتا. پارٽي ذريعن موجب ايندڙ عام چونڊن ۾ ن ليگ جارحاڻو انداز اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. چونڊ مهم ۾ ڪجهہ اهم شخصيتن کي نشانو بڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نگران صوبائي وزير عمر سومرو جي جان محمد مهر جي وارثن سان ملاقات، هڪ ڪروڙ جو چيڪ ڏنو

نگران صوبائي وزير خانگي ۽ سول اسپتال ۾ غفلت ۽ علاج جون سهولتون نہ هجڻ تي جاچ ڪاميٽي جوڙڻ جو پڻ فيصلو ڪيو

فاطمہ ڦرڙو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت کان سخت سزا ڏني ويندي: نگران صوبائي وزير

سکر (رپورٽر) نگران وزير عمر سومرو شهيد جان محمد مهر جي وارثن سان ملاقات ڪري وارثن سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 27 آگسٽ 2023ع

سنڌ جي معدني وسيلن کي نيلام ڪرڻ جي مهم جُوئي!

اڃان آئي جمعو جمعوات ڏينهن مس ٿيا آهن. جو نگران حڪمران ايندي ئي پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اهي سنڌ جا معدني وسيلا پليٽ ۾ رکي وفاق کي پيش ڪرڻ ٿا چاهين. جنهن جو هڪ مثال سنڌ جي معدني وسيلن واري نگران وزير خدا بخش مري جي ڪيل پريس ڪانفرنس آهي، جنهن ۾ وزير باتدبير اعلان ڪيو آهي ته سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ موجود معدني وسيلن جي نئين سِر سروي ڪرائي، بعد ۾ انهن جي نيلامي ڪئي ويندي. هن بيربل ثاني وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 26 ارب ٽن جا معدني ذخيرا موجود آهن. مُلڪ ۾ موجود معدنيات کي ايڪسپورٽ ڪرڻ سان مُلڪي معيشت ۾ ايتري بهتري ايندي، جو اسان کي آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ جي به ضرورت نه پوندي.

هن ملڪ جو الميو اهو آهي ته اتي جنهن کي به اختيار جي هريڙ هٿ اچي ٿي وڃي ته اهو پاڻ کي پنساري سمجهڻ لڳندو آهي ۽ اهڙا غلط عمل ڪندو آهي، جو اهي ملڪ لاءِ وڌيڪ هاڃي جو سبب بڻجندا آهن. اسان جا حڪمران اهو ڪم اڪثر ڪري ڪندا ئي ناهن، جيڪو انهن جي منصبي فرضن ۾ شامل هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي ته اهي پنهنجو ڪم ئي ناهن. جنهن جو کين مينڊيٽ حاصل هوندو آهي. رڳو شفاف اليڪشن ڪرائي اقتدار جي پرامن منتقليءَ لاءِ آيل نگرانن جو ئي مثال وٺجي. جن جي بنيادي ذميواري اليڪشن ڪرائڻ آهي پر اهي پنهنجي ان مينڊيٽ کان هٽي اهي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪي انهن جي مينڊيٽ جو حصو ئي ناهن. نگران حڪمرانن جو بنيادي ڪم نگرانيءَ وارو آهي، جيڪي مقرر مدي ۾ پنهنجو اهو ڪم ڪرائي ۽ پرامن نموني سان اقتدار منتقل ڪري رمندا رهن پر انهن معدني وسيلا تين وال ڪرڻ وارو مورچو سنڀالي ورتو آهي. انهن جي سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جا وسيلا سنڌ جي عوام جا آهن. جن کي چونڊيل حڪومت ئي کپائي نه سگهي، جيڪا نه وري به عوام جي نمائندا حڪومت هئي، اها سنڌ جي وڏيل شعور جي مزاحمت جي ڪري پنٽي هٽي وئي ۽ اهڙي نموني سان ڪارونجهر سميت مختلف معدني وسيلا وڪڻڻ واري هوڏ تان لهي وئي. حقيقت ۾ اها هوڏ تان نه لٿي هئي پر اقتداري مدو ختم ٿيڻ ۽ اسيمبلي ٽٽڻ ۽ حڪومت ختم ٿيڻ جي ڪري ڪارونجهر سميت سنڌ جي معدني وسيلن تان اها لٽڪيل تلوار هٽي وئي. نگران حڪمران عوام جا چونڊيل به ناهن، اهي عوام جا نمائندا ئي ناهن، جن جو ڪم صرف چونڊون ڪرائڻ آهي، اهي ڪيئن ٿا سنڌ جي معدني وسيلن جي بازار سجائين! جيڪڏهن خسارو آهي ۽ آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ کان بچڻ ٿا چاهيو ته اها چٽي سنڌ جو پري؟ سنڌ جا وسيلا ڇو تين وال ڪيا وڃن؟ اهي نگران ڪيئن ٿا سنڌ جا معدني وسيلا پليٽ ۾ رکي وفاق کي پيش ڪن؟ ڪين اها ڀُل آهي ته هو ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا پر سنڌ سجاڳ آهي. سنڌ جو عوام باشعور آهي، اهو ڪنهن به صورت ۾ اهڙي ڪنهن فيصلي کي قبول نه ڪندو. اڳ ۾ ئي سنڌ 70 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ وفاق کي روينيو ڏئي ٿي پر موٽ ۾ ان کي ڇا ٿو ملي، اهو به ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. وسيلن سان مالا مال سنڌ جو عوام غربت ۾ گذاري ٿو. سنڌ سڄي ملڪ کي پالي ٿي، پر ان جي باوجود هاڻي مختلف قوتن جي نظران جي معدني وسيلن تي آهي. جيڪا دولت اهي سنڌ کان کسڻ چاهين ٿا. اهي سموري کوٽ ۽ خسارا سنڌ مان پورا ڪرڻ ٿا چاهين.

جيئن ته اسان مٿي اهو چئي آيا آهيون ته سنڌ جا معدني وسيلا سنڌ جي ئي ملڪيت آهن. هتي سنڌ مان مراد سنڌ حڪومت نه پر سنڌ جو عوام آهي. ان کري ڪجهه ماضيءَ مان سکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. انهن ئي غلطين جي ڪري اڌ ملڪ وڃايو ويو. ياد رکو ته هي ملڪ ڪنهن ٻئي الميي جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

معدني ۽ فطرتي وسيلن تي ڌاڙي هڻڻ جون تياريون!

ادريس لغاري

پنهنجي قوم سان وساهه گهاتي ڪيئن ڪجي؟ پنهنجي عوام جي پُٺ ۾ خنجر ڪهڙي طرح هڻجي؟ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي ان جي تاريخي ۽ قومي وسيلن تي ڌاڙو ڪيئن هڻجي؟ عوام جي مفادن وٽان ڳالهه ڪري اصل ۾ پنهنجي اشرافيه طبقي جي مفادن کي ڪيئن حاصل ڪجي؟ سنڌ جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جي آڙ ۾ قدرتي ۽ معدني وسيلن تي ڌاڙو ڪيئن هڻجي؟ اهڙي عوام عمل ۽ ڪم ۾ پاڪستان جو حڪمران طبقو رياستي ادارا، اعليٰ سول ۽ نان سويلين آفيسر پوري دنيا ۾ پنهنجي هڪ الڳ ۽ منفرد مقام ۽ سڃاڻپ رکن ٿا. عوام کي آئين ۽ قانون جو ڊپ ڏئي، پوءِ هُو ويهي جيڪي غيرآئيني ۽ غيرقانوني ڪم ڪندا آهن، تنهن سان اسان جي پوري ملڪي تاريخ ڀري پئي آهي. اهڙي ڏنڍي ۾ هڪڙي پاسي اعليٰ سول ۽ نان سويلين آفيسرن جي اڪثريت اڳيان اڳيان آهي ته وري ٻئي پاسي چونڊجي ذريعي چونڊجي آيل عوامي نمائندا هجن يا نوي ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ لاءِ آيل نگران حڪومت جا وزير هجن. سنڌي عوام جي تاريخي بدقسمتي ته ڏسو ته ٽي چار ڏينهن اڳ جيڪا نگران حڪومت آئين ۽ قانون مطابق صرف ٽن مهينن جي اندر چونڊون ڪرائڻ لاءِ آئي آهي، ان نگران حڪومت جو هڪ وزير صاحب جنهن جو نالو خدا بخش مري آهي، تنهن گذريل ڏينهن هڪ وڏي ۽ ڀرپور پريس ڪانفرنس ڪري اعلان ڪيو آهي ته پاڪستان سخت معاشي گهوٽالي مان گذري رهيو آهي، تنهن ڪري سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ موجود معدني وسيلن جو نئين سِر سروي ڪرائي انهن کي نيلام ڪيو ويندو معدني وسيلن جي نگران صوبائي وزير پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته، "صوبي ۾ لڳ ڀڳ 26 ارب ٽن جا معدني ذخيرا موجود آهن جن جي هڪ ڀيرو ٻيهر سروي ڪرائي ويندي. مُلڪ ۾ موجود معدنيات کي ايڪسپورٽ ڪرڻ سان مُلڪي معيشت ۾ ايتري بهتري ايندي جو اسان کي آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ جي به ضرورت نه پوندي. سنڌ ۾ ريتي، بجري، چن جي پٿر (لائيم اسٽون)، ماربل (سنگ مرمر)، سليڪا واري ۽ گرينائيٽ سميت 27 قسمن جا معدني وسيلا آهن. انهن سمورن وسيلن جي سروي ڪانپوءِ اهو اندازو لڳائي سگهبو ته معدنيات مان ساليانو ڪيترو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو. معدني وسيلن جي اڳ ۾ ٽينڊر نيلامي ۾ اڻ برابري ٿيندي رهي آهي، رڳو ليڪيدار ارب پتي ٿيندا رهيا، مقامي ماڻهن کي ڪجهه به نه ملندو هو. هاڻ اسان جي ڪوشش هوندي ته سيني کي پنهنجو جائز حصو ملي، مقامي ماڻهن کي تعليم ۽ صحت جون بهترين سهولتون ڏنيون وينديون."

سڀ کان پهرين ڳالهه ته ڇا هن ملڪ جو آئين ۽ قانون ڪنهن نگران وزير کي اهو اختيار ڏئي ٿو ته هُو اهڙا بيان ۽ اعلان ڪري؟ ڇا نگران وزير صاحب کي خبر ناهي ته هن جي اختيارن جو دائرو ڪيترو ۽ ڪيستائين آهي؟ نگران وزير صاحب کي سڄي خبر آهي ته سندس اختيارن جو دائرو ڪيترو وسيع آهي ۽ هُو ڪيستائين وڃي ۽ ڳالهائي سگهي ٿو پر هتي جيڪي چونڊيل حڪومت يا ڪٿي نگران حڪومت ۾ اچن ٿا، انهن کي خبر آهي ته هُو جنهن ڪرسي تي ويٺا آهن يا انهن کي جيڪا ڪرسي ملي آهي، اها ڪرسي ڏيارڻ وارو ڪير آهي ۽ ان ڪهڙي شرط تي اها ڪرسي ڏياري آهي؟ تنهن ڪري جن هن کي اها ڪرسي ڏياري آهي، هر صورت ۾ انهن جي مفادن وٽان ڪم ڪرڻو آهي.

باقي هيڏانهن سنڌي قوم کي جيترو نقصان ٿئي، تنهن جي هن کي ڪا پرواهه ناهي. هڪڙي پاسي نگران وزير خدا بخش مري جو اهو عمل آهي ۽ ٻئي پاسي آئين جي آرٽيڪل 173 جي شق 3 جي مطابق قدرتي ۽ معدني وسيلا نج صوبائي اسر ۽ انهن جي ملڪيت آهن. وزير صاحب چئي ٿو ته جيڪي 27 قسمن جا معدني وسيلا آهن، انهن جي نيلامي سان ملڪي معيشت ۾ بهتري ايندي ۽ پاڪستان کي آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ جي ضرورت ئي نه پوندي. وزير صاحب آءِ ايم ايف جو ائين ذڪر ڪري رهيو آهي، جڻ پاڪستان پنهنجي پوري تاريخ ۾ پهريون دفعو ڪو آءِ ايم ايف ڏي قرض وٺڻ جي لاءِ ويو آهي. پر وزير صاحب کي ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان گذريل 50 سالن کان وٺي آءِ ايم ايف وٽ قرض وٺڻ لاءِ بار بار ويندو رهيو آهي ۽ ٻي ڳالهه ته هن وقت جيڪي معدني وسيلا موجود آهن ۽ ارڙهين ترميم کان اڳ اهي مڪمل طور وفاق جي ملڪيت هئا، تڏهن سنڌ ۽ بلوچستان مان جيڪي تيل، گئس، ڪوئلي، سون، ٽامي چاندي وغيره جا وسيلا هئا، انهن مان اربين ڪربين ڊالرز آيا. اهي ڪيڏانهن ويا؟ انهن مان عوام کي ڇا مليو ۽ ملڪ جي ڪهڙي ترقي ٿي؟ ملڪ ۽ عوام پنجاهه سٺ سال اڳ به اهڙي حالت ۾ هئا، جهڙي انهن جي اڄ حالت آهي ته پوءِ انهن معدني وسيلن مان ڪمايل ڪروڙين، اربين ڪربين ڊالرز ڪنهن جي کيسن ۾ ويا. ان مان ڪير ڪير ڪک پتي مان ارب ڪرب پتي ٿي ويا؟ انهن جي ڪا لسٽ پڌري ڪندا؟ انهن مان مختلف حڪومتن ۾ رهندڙ ڪيترا وزير هئا، انهن ڇا ڪمايو ۽ حاصل ڪيو؟ ڪيترا اعليٰ سول ۽ نان سويلين آفيسر هئا ۽ آهن، انهن ڪيترو ڪمايو کي تفصيل ڏيڻ پسند ڪندا؟ ۽ جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۽ بلوچستان جو ڪروڙين عوام هڪڙي ويلي جي لاءِ پريشان آهي. اتي اسڪول ۽ اسپتالون ناهن. انسان پاڻ سان سوين بيماريون ڪنيو پيا هلن. انهن وٽ نه اجهو آهي نه ڪو روزگار. پاسي ۾ تيل، گئس، ڪوئلو سون، ٽامو وغيره ڪڍڻ لاءِ وڏيون ملڪي ۽ عالمي ڪمپنيون ڪم پيون ڪن، جنهن ۾ ڪندڙ ڌاريا ڪروڙين رپيا ڪمائي رهيا آهن ۽ انهن جو اولاد هڪ خوشحال ۽ عياشي واري زندگي گذاري رهيو آهي. اهي جهازن ۽ وڏين گاڏين ۾ سفر ڪن ٿا. انهن کي وڏيون مراعتون ملن ٿيون ۽ هيڏانهن ڪروڙين ڌرتي ڌڻي نڌڻڪا ٿيو پيا هلن!

سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام وٽ ۽ سندن ڌرتي جي اندر جيڪي اربين ڪربين ڊالرز جا ذخيره موجود آهن، تن مان گهڻن تي اڳ ئي ڌاڙا لڳي چڪا آهن ۽ ٻيا جيڪي موجود آهن، تن تي هر ڏينهن هڪ نئين انداز ۽ هڪ نئين ڍونگ سان هڪ ڏکهي ۽ وڏي حڪمت عملي تحت ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. عوام کي فريب ۽ دوکو ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي درپيش معاشي چئلينجز جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو سڀ رياستي ادارا، انهن جا سربراهه، صدر، وزيراعظم، وزير صاحبان روز ميڊيا تي اچي اکين ۾ آب آڻي چون ٿا ملڪ سخت معاشي بحران مان گذري رهيو آهي ۽ دنيا اسان جي ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. انهن کان پڇون ٿا ته واقعي ملڪ معاشي بحران مان گذري رهيو آهي ۽ پاڪستان ۾ پيسو ناهي، مهرباني ڪري ٻڌايو ته رڳو عمران خان جي گذريل تقريبن چئن سالن جي حڪومت ۽ پي ڊي ايم جي سورنهن مهينن جي حڪومت ۾ ڪيتري رڪارڊ ڪرپشن ٿي آهي؟ ڇا اهي سڀ پيسا عوام جي ٽيڪس جا نه هئا؟ ڇا انهن پيسن تي ڌاڙو عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جي نالي ۾ نه لڳو آهي؟ چوندا آهن جڏهن واڙيو ڪُتي ته ٻنديون ڏسي، هاڻي حڪمران طبقو ۽ رياستي ادارا دنيا ۾ عالمي سامراجي مفادن کي پورو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو سامراجي ملڪ ۽ سندن اتحادي انهن مان هٿ ڪڍي ويا آهن.

تڏهن انهن اچي پنهنجي قوم جي باقي رهيل معدني ۽ قدرتي وسيلن تي هڪ دفعو ٻيهر هٿ وجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ تنهن لاءِ روز نيون تشريحون ڪيون پيون وڃن ۽ نوان راڳ ٻڌايا پيا وڃن ۽ عوام کي بار بار ٻڌايو پيو وڃي ته اسان صرف توهان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ فڪرمند آهيون پر اصل ۾ انهن جي پنهنجي "ٻاهرين آمدني" اچڻ بند ٿي وئي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن "گذر" مشڪل ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري ان "گذر" کي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ نئون ۽ انتهائي پر فريب نعرو ايجاد ڪيو ويو آهي ته ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ لاءِ باقي رهيل معدني ۽ قدرتي وسيلا کپائي پوءِ هميشه هميشه لاءِ هن ملڪ مان ائين هليا ويندا سين، جيئن اسان کان اڳ اسان جي طبقي وارا هليا ويا هئا!

پُڇ پتنگن کي، سنڌيون ڪامڻ خبرون:
آڻيو وڃهن آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي:
جيري جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا!

حوا جي نياڻين سان ائين ظلم وستم ڇو؟

طفيل مگسي

عورت جيڪا ڪائنات ۾ هڪ خوبصورت خوشبودار گل جيان آهي ۽ ڪائنات جي سموري سونهن عورت جي وجود سان ئي لاڳاپيل آهي ليڪن ڇا اها عورت هن معاشري منجهه اهو مقام رکي ٿي. جنهن جي هوءَ لائق ۽ حقدار آهي؟ يا صرف هن سان جنسي گهرجون ئي پوريون ڪيون وڃن ٿيون؟گند جي ڍيرن تي ٻيبل سڙندڙ لاش جڏهن بدبوءِ ڇڏين ٿا ته ان وقت يا پل نينگرين جي لاشن کي ڏسي ڪري دل ۾ درد ۽ احساس محسوس نٿو ٿيئي. جتي زيادتين جو شڪار بڻجڻ وارين نينگرين جا معاشري کي سندس مڪروه چهرن جو آئينو نڪيون ڏيکارين. ڇا اسان جواڄ جو معاشرو بلڪل بيوس ۽ جاهل بڻجي چڪو آهي. ڇا عورت صرف جنسي خواهشيون پوريون ڪرڻ جي لاءِ ئي ضروري آهن يا ان جو معاشري ۾ ڪو مقام به آهي؟ ويچار جي قابل اها ڳالهه آهي ته جڏهن ڏوهه عام ٿي رهيا آهن ۽ ان سوال جو ڪو جواب ڏيڻ وارو ناهي. روزاني ڪئي نه ڪئي اهي حالتون ۽ واقعا پيش اچن ٿا. ليڪن ڪو پڇاڻو ناهي ڪنهن ڏوهه جي سزا ناهي. بس وقتي طور تي اسان اهي سوال اٿاريون ٿا يا بحث مباحثا ڪيون ٿا ۽ بعد ۾ ائين وساري ڇڏيون ٿا ڇڻ ته ڪجهه ٿيو ئي نه هو هڪ عورت جو ماءُ، ڌيءُ، ڀيڻ يا زال جي حيثيت سان هن معاشري ۾ ڪهڙو مقام ومرتبو هئڻ کپي ڪڏهن اسان ان تي سوچيو به آهي يا صرف عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائي ڪري ۽ لانگ مارچ ڪري ئي عورتن کي آئت ڏني وڃي ٿي. اسلام کان اڳ ٻاٽ گهگهه اونداهيءَ جهڙي جهالت جو دور هو ڌيءَ جي جنم وٺندي هئي ته فرن ئي ڪيس کي جيئرو قبر ۾ دفنايو ويندو هو يا ڪيس کي رات جي پيٽ ۾ ماريو ويندو هو اسلام عورتن کي حق ڏنا. زنده رهڻ جو حق ڏنائين عزت سان گڏ احترام ۽ پوءِ وقت سان گڏ اصول کي چٽو ڪيو قرآن ڪريم ۾ عورتن جي حقن تي ڪافي آيتون نازل ٿيون. سوره المائده ۽ سوره النساء عورت جي حقن کي چٽو ڪن ٿيون. حضرت بي بي فاطمه رضه جنت جي عورتن جو سردار مقرر ڪيائين. حضرت خديجا رضه کي عورتن ۾ هڪ اتمام. بخشيائين رنڙ عورتن جا حق مقرر ڪيائين. وراثت ۾ عورت جي حقن جي نشاندهي ڪئي وئي. يعني اسلام عورتن جي حيثيت ئي بدلائي ڇڏي. ليڪن ڇا اڄ پنهنجي معاشري ۾ اهو سڀ ڪجهه ڏنو وڃي ٿو جنهن جي باري ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو "دنيا ۾ جيڪو ٻن نياڻين جي احسن نموني پالنا ڪري ٿو اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ جنت ۾ ان ريت هوندو جن منهنجي هٿ جون ٻه آڱريون" ڇا اسان اڄ به نياڻيءَ جي جنم تي اهو سمجهون ٿا ته الله پاڪ رحمتن جو حساب نه وٺندو. مگر نعمتن يعني پٽ جي باري ۾ حساب ورتو ويندو. سنڌ جي راڻي پور جي شاهه جي هٿان معصوم نينگر سان بدفعلي ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس کي تشدد ڪري ابدي ننڊ سمهاريو ويو ۽ پنجاب جي علائقي ميانوالي ۾ ٿيڻ واري واقعي انسانيت جون ڌجيون ئي اڏائي ڇڏيون آهن ستن ڏينهن جي نياڻي کي سندس وحشي بگهڙ صفت پيءُ پنج گوليون هڻي ڪري قتل ڪري ڇڏيو ڇا اڄ به پيءُ ايترا سنگدل ۽ ڪٺور دل ٿي سگهن ٿا؟هن شخص چاهيو ته هن کي پٽ ڄمي. ليڪن جڏهن هن جي زال هڪ ڌيءُ کي جنم ڏنو ته جيڪا نهايت خوبصورت هئي. جنهن جو نانءُ جنت رکيو ويو هن جي پيءُ ست ڏينهن ڌيءُ کي برداشت ڪيو ستين ڏينهن پستول کڻي رات جو نائين وڳي گهر ۾ داخل ٿي ۽ پڇيائين ته ڪٿي آهي اها ڇوڪري ؟ڪنهن جي وهم وگمان ۾ به نه هو ته اهو اهڙي بي حيائي ڪندو نياڻي ماءُ جي جهولي ۾ اگهور ننڊ پئي هئي. هن نياڻي کي ماءُ جي جهولي کان کسي ورتو ۽ پنج گوليون نياڻي کي هڻي ڇڏيائين نياڻي تڪليف برداشت ڪندي ابدي ننڊ سمهي پئي ماءُ بيهوش ٿي وئي. حقيقت ۾ اهڙو واقعو تاريخ ۾ نه ڏٺو ويو نه ڪو سگهبو پيءُ پنهنجي معصوم نياڻي کي ائين بيدردي سان قتل به ڪري سگهي ٿو.

اڄ جي زماني ۾ جڏهن عورت زندگي جي هر ميدان ۾ چٽو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. تحقيق کان اها ڳالهه ثابت ٿي رهي آهي ته انهن خاندانن ۾ ٻيا به ڪافي اهڙا واقعا آهن. جيڪي پنهنجي خاندان ۾ نياڻي جي جنم کي شرمساري سمجهن ٿا.ان نياڻي جو ڪهڙو ڏوهه جنهن کي خدا هن دنيا ۾ موڪليو.ليڪن سگهي پيءُ هن کي قبول نه ڪيو ۽ واپس خالق ڏانهن موڪلي ڇڏيائين ڇا مردن کي پيدا ڪرڻ واري عورت ناهي؟سچي دنيا جي تحقيق عورت جي وجود کان ٿيئي ٿي ته پوءِ عورت جي پيدائش شرم جي قابل ڇو؟ پنهنجين دلين ۾ ڪشادگي پيدا ڪيو عورت کي صرف تقريرن ۽ سوشل ميڊيا ۾ ئي نه بلڪ زندگي ۾ به درست مقام ڏيو ڏيءُ شرم. جي قابل ناهي بلڪ فخر به هوندي آهي. هن جي تعليم وتربيت تي غور ويچار ڪيو ۽ سندس تحفظ پڻ ڪيو "هڪ مرد ته صرف هڪ خاندان کي سنڀالي ٿو مگر عورت ستن نسلن جي تربيت ڪري ٿي"ان ڪري عورت کي معاشري ۾ درست مقام ڏيو ۽ ڏياريو وڃي.

بقايا 01

حڪومت کان بجلي تي ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. لاهور جي علائقي ڪاهنه ۾ شهري وڏيڪ بلن خلاف روڊن تي اچي ويا. ليسڪو خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، شهرين احتجاج طور بجلي جي بلن کي باهيون پڻ ڏنيون. تلا گنگ ۾ ٽريفڪ چوڪ کي بلاڪ ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. احتجاج ۾ واپاري، سياسي، سماجي، وڪيل ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گوجرانوالا ۾ مهانگي بجلي جي بلن خلاف مظاهرين گيپڪو آفيس جو گهيراءُ ڪيو. جهانيان ۽ مانگا منڊي ۾ شهرين بجلي جا بل ڪٺي واپڊا اختيارين ۽ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مظاهري دوران بجلي جي بلن کي باهه ڏني وئي. پشاور ۾ مظاهرين بجلي جي بلن ۾ واڌ برداشت نه ڪرڻ جوڳو قرار ڏيندي حڪومت کان رليف گهري ورتو. نارووال، اٽڪ، سرگودها ۽ هري پور سميت ٻين شهرن ۾ به مهانگي بجلي تي شهري روڊن تي نڪري آيا ۽ سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. شهرين چيو ته مهانگائي جي هن دور ۾ بجلي جي بل ۾ اضافو عوام جي برداشت کان ٻاهر ٿي ويو آهي. غريب عوام پڻ وقتن جي ماني پوري ڪري يا بجلي جا ڳرا بل جمع ڪرائي. شهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور تي بجلي جي قيمتن ۾ لاٿ ڪري ڳرا ٽيڪس ختم ڪيا وڃن. ان سلسلي ۾ نگران وزير اعظم انوار الحق ڪاڪڙ بجلي جي ڳاٽي ٽوڙ بلن واري معاملي جو نوٽيس وٺندي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. بجلي بلن وارن معاملي تي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ نوٽيس وٺندي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. وزيراعظم آفيس جي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته وزير اعظم بجلي جي ڳرن بلن واري معاملي تي سڀاڻي وزير اعظم هائوس ۾ هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. نگران وزير اعظم جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ بجلي واري وزارت ۽ بجلي جي ورچ ڪندڙ ڪمپنيون کان بريفنگ ورتي ويندي. واهپيدارن کي بجلي بلن بابت وڌ کان وڌ رليف ڏيڻ تي مشاورت ڪئي ويندي.

بقايا 02

طرفان ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان صحافي شريڪ ٿيا. ان موقعي تي صحافين پريس ڪلب آڏو صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي پڻ ڪئي وئي. صوبائي نگران وزير رٽائرڊ برگيڊيئر حارث نواز احتجاج ڪندڙ صحافين جي نمائندن کي گهرائي ڳالهيون ڪيون. صوبائي وزير شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز جو گرينڊ آپريشن شروع ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي ڇڏي آهي. ڳالهين دوران شهيد جان محمد مهر جو قتل ڪيس سي ٽي ڊي سکر منتقل ڪرڻ وارو مطالبو پڻ منظور ڪيو ويو. جڏهن ته صحافين طرفان ڪيل ملاقات ۾ شهيد جان محمد مهر جو ڀاءُ ڪرم الله مهر پڻ موجود هو.

بقايا 03

کي سيڪيورٽي خدشن کان آگاهه ڪيو همايون دلاور کي خدشو هو ته عدالت ۾ ڪو اڻوڻندڙ واقعو پيش اچي سگهي ٿو. توشه خانا ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي سزا ڏيندڙ جج بدلي ڪيو ويو هو اسلام آباد جي ايڊيشنل سيشن جج همايون دلاور کي او ايس ڊي ڪري ڪيس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هدايت تي رجسٽرار پاران جج تبديلي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 04

فرنٽ مين علي مگسي سميت 2 ڄڻا گرفتار ٿي چڪا آهن. نيب اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي ٻيءَ ماءُ سميت 15 گهر ڀاتين جي ملڪيتن جا تفصيل به گهرائي ورتا. مڪيش ڪمار چاولا جي پيٽيوي جيرام تلريجا ۽ سندس 5 گهر ڀاتين جي ملڪيتن جا تفصيل پيش ڪرڻ جو به حڪم. نيب جو چوڻ آهي ته مڪيش ڪمار چاولا ۽ سندس فرنٽ مين ٻٽيل ماڻهن ايڪسائيز ۽ خوراڪ کاتي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي

بقايا 05

ان لاءِ ايران پاڪستان کي باضابطه تجويز ڏني آهي. ڪابينه جي اجلاس مان منظوري وٺڻ کان پوءِ اڏامون شروع ڪرڻ جي باري ۾ اتفاق ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته پاڪستان پي آءِ اي کي اسلام آباد مان ايران لاءِ پنجين آزادي جي سهوليت لاءِ چيو آهي. ايران به پنهنجي چئن ايئرلائينن لاءِ ساڳئي سهوليت طلب ڪئي آهي. في الحال لاهور ۽ ڪراچي کان مشهد لاءِ اڏامون هلي رهيون آهن. ايران کان پاڪستان کي پائيپ لائن ذريعي گئس جي فراهمي حوالي سان ايراني سفير رضا اميري مقدم چيو ته هن وقت آمريڪي پابنديون آهن ان لاءِ اسان اهڙو حل چاهيون ٿا ته پاڪستان ايران کان گيس پائيپ لائين وٺي ته ان کي پريشاني نه ٿئي. هن چيو ته پاڪستان بجلي ۽ گئس جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ايران پاڪستان کي سستي گئس، سستي بجلي ۽ سستو تيل فراهم ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ايراني سفير چيو ته ايران چين جي ڪوششن سان سعودي عرب سان لاڳاپا بحال ڪرڻ تي پاڪستان جا ٿورائتا آهيون. اهڙي طرح عراق، عمان ۽ چين جي مهرباني. ايران جا به متحده عرب امارات سان ڪافي سٺا لاڳاپا آهن.

بقايا 06

مدورائي ريلوي اسٽيشن تي بيٺل آيوڌيا جتي ٽرين جي اسٽيشنري ڪمپارٽمينٽ ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 10 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. مقامي پوليس موجب ٽرين جي پرائيويٽ ڪوچ ۾ سوار مسافرن طرفان چانهه ٺاهڻ لاءِ گيس سلينڊر جو استعمال ڪيو ويو جنهن سبب ڪوچ ۾ باهه لڳي وئي ۽ زوردار ڌماڪو ٿيو. تامل نادو جي ڪمرشل ٽيڪس بابت وزير ٻڌايو ته حادثو صبح جو سوا پنجين وڳي جي ويجهو پيش آيو جنهن بعد فائر فائٽرز 7 وڳي ريلوي اسٽيشن پهتا ۽ باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته حادثي جي زخمين کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. وزير موجب ٽرين ۾ سوار مسافرن جو واسطو اتر پرديش رياست سان هو ۽ مسافر مذهبي رسمن لاءِ وڃي رهيا هئا. اختيارين موجب ٽرين ۾ 63 مسافر سوار هئا جڏهن ته فوتين ۾ 6 مرد ۽ 4 عورتون شامل آهن ۽ حادثي ۾ 7 مسافر زخمي به ٿيا آهن جن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي.

بقايا 07

ايف آءِ اي ٽيم جيل ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين کان هڪ ڪلاڪ تائين پڇا ڳاڇا ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ايف آءِ اي ٽيم عمران خان کان سائفر گم ٿيڻ بابت سوال ڪيا ۽ هن ٽيم سامهون ڳجهو سائفر خط گم ڪرڻ جو هڪ ڀيرو ٻيهر اعتراف ڪيو. ذريعن موجب ايف آءِ اي ٽيم جي قيادت ڊپٽي ڊائريڪٽر اياز خان ڪري رهيو هو. ياد رهي ته 5 آگسٽ تي اسلام آباد جي عدالت توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان کي 3 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي، جنهن کان پوءِ هو اٽڪ جيل ۾ قيد آهي.

بقايا 08

پارٽيءَ جي وائيس چيئرمين محمود خان سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي پرويز خٽڪ چيو ته جنرل (ر) فيض حميد ۽ قمر جاويد باجوا چونڊن لاءِ ماحول ٺاهيو پر عمران خان نه مڃيو. جنرل (ر) جنرل (ر) فيض حميد اليڪشن جو ماحول ٺاهيو باجوه چيو ته شهباز شريف لڪندو ته اسيمبلي ٽوڙي ويندي. هن عمران خان کي ڊرٽو ختم ڪرڻ جو چيو پر پي ٽي آءِ چيئرمين نه مڃيو پرويز خٽڪ چيو ته اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) باجوه اسان جي تمام گهڻي حمايت ڪئي پر هن به آخر ۾ هٿ مٿي ڪري چيو ته مان هيو ڪجهه نٿو ڪري سگهان. عمران خان 18هين ترميم جي خلاف هو اعظم خان حڪومت هلائي رهيو هو ٻين مدد ڪئي. اڳوڻي بجاءِ واري وزير چيو ته عمران خان فوج خلاف انقلاب آڻڻ چاهي ٿو پي ٽي آءِ ڏوهاري پارٽي ٿي سگهي ٿي جنهن تي پابندي لڳائي سگهجي ٿي. هن چيو ته جڏهن کو به حڪومت ۾ نه هوندو آهي ته ڪيس ٺاهيا ويندا آهن. ان ڪري ٿي نيب ناهي وئي، فيبروري ۾ چونڊون ٿينديون ڏسي رهيو آهيان. عمران خان لاءِ چار ڪيس مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. انهن ڪيسن ۾ توشه خانو ڪيس، مني لانڊرنگ ۽ ٻيا شامل آهن. 9 مئي جو ڪيس به شامل آهي. 9 مئي سڀ کان خطرناڪ ڪيس آهي جيڪو فوجداري ڪيس بڻجي رهيو آهي.

بقايا 09

به ڪشمير کان ڪراچي تائين مختلف شهرن ۾ سراپا احتجاج آهن. مظاهرن ۾ شامل ماڻهو ۽ واپاري بل ادا نه ڪري سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ جو به چتاءُ ڏنو آهي. اهڙي صورتحال جو نوٽيس وٺندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سڀاڻي (آچر) وزيراعظم هائوس ۾ هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. وزيراعظم اڄ ايڪس (اڳوڻي ٽوئيٽر) تي چيو ته اجلاس ۾ پاور ۽ ڊسٽري بيوشن ڪمپنين بابت وزارت کان بريفنگ ورتي ويندي ۽ بجلي جي بلن جي حوالي سان صارفين کي وڌ کان وڌ رليف ڏيڻ بابت صلاح مشورا ڪيا ويندا. ياد رهي ته گذريل مهيني، پاور ريگيوليٽر نيشنل ايوريج ٽيرف ۾ اٽڪل 5 رپيا في يونٽ جو اضافو ڪيو. جنهن سان بنيادي يونٽ پاور ٽيرف 24.82 رپين مان وڌائي 29.78 رپيا ٿي ويو. حڪومت 22 اگسٽ تي هڪ ڀيرو ٻيهر بجلي جي اگهن ۾ 3 رپيا 55 پئسا في يونٽ واڌ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو جنهن بعد فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ به واڌ ڪئي وئي آهي ۽ مختلف قسمن جون ٽيڪسز لڳايون ويون آهن حڪومت ڪمپنين جي 'اضافي گنجائش' جي مد ۾ 146 ارب روپيا صارفين کان وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ تاجرن کي اليڪٽرڪ عملي کي مارڪيٽ به ڪئي هئي.

بقايا 10

جمشيد چيمه، قاسم سوري، عمر سرفراز چيمه ۽ اعظم سواتي شامل آهن. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي اڳواڻن اڳواڻ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي موجودا ليڊر علي زيدي ۽ فواد چوڌري به ڪيس ۾ نامزد آهن. ڪيس ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن سوشل ميڊيا تي قومي سلامتي جي ادارن خلاف ڪوڙي مهم هلائي. ايف آءِ اي جي اختيارين موجب، سمورن جوابدارن کي گذريل مهيني وضاحت لاءِ طلب ڪيو ويو هو پر طلبي باوجود اجا تائين نه ڪو اڳواڻ پيش ٿيو ۽ نه جواب جمع ڪرايو جنهن ڪانپوءِ ثبوتن ۽ بيانن جي روشني ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو ايف آءِ اي اي اختيارين موجب، جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ٽيمون به جوڙيون ويون آهن.

بقايا 11

باغ پاڙي جي رهواسي نوجوان عبدالرحمان شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته 5 ڏينهن اڳ جوابدار علي رضا مگريو پنهنجي ساٿين سان گڏجي منهنجي 14 ورهين جي ڀاءُ عبدالصمد شيخ کي پاڙي مان اغوا ڪرڻ بعد ڪيس جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو جنهن دوران جوابدارن پاران معصوم نينگر جي غيراخلاقي وڊيو پڻ رڪارڊ ڪئي وئي. هن چيو ته واقعي جي ٻي ڏينهن تي لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او سرتاج احمد جاگيراڻي پنهنجي ٽيم سان گڏجي نئون ديرو شهر جي هڪ علائقي ۾ ڪاروائي ڪري نينگر کي بازياب ڪرڻ سان گڏ جوابدار علي رضا مگريو کي گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو هيو جيڪو هن وقت پوليس جي حراست ۾ آهي. جڏهن ته هاڻي جوابدار ڌر طرفان ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ اسان کي مختلف طريقن سان ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪيو پيو وڃي، جن مان جاني توڙي مالي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي. جنهن لاءِ اسان لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار علي رضا مگريو جي ٻين ساٿين کي گرفتار ڪري کين سخت کان سخت سزا ڏيڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 12

۾ نامزد جوابدار اسد شاهه جي جسماني رماند ۾ 3 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي. جوابدار اسد شاهه جو جسماني رماند پورو ٿيڻ بعد رانيپور پوليس ڪيس جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو فاطمه قتل ڪيس جي جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته اسد شاهه وٽان هٿ آيل موبائل فونن ۾ سيڪيورٽي ڪوڊ لڳل آهي. اسد شاهه موبائل فونن جا سيڪيورٽي ڪوڊ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن ڪري ڪيس ۾ اڳيرائي نه ٿي آهي. ڊي اين اي رپورٽ به اسان کي اڃا تائين نه ملي آهي. جج جوابدار سان مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪڏهن توهان بي قصور آهيو ته پوليس کي موبائل ڪوڊ ٻڌائي ڇڏيو. ٻئي طرف فاطمه جي وڪيل ايڊووڪيٽ نثار احمد ڀنڀرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار پوليس سان سهڪار نه ڪري رهيو آهي. گڏيل قومن ۾ فاطمه جي قتل خلاف درخواست ڏني وئي آهي. ظاهر آهي ته ڇوڪري جي موت ضبعي طور ناهي ٿي، ان سان زيادتي ڪئي وئي آهي. سوال اهو آهي ته ان سان جنسي زيادتي ڪنهن ڪئي ۽ ڪنهن قتل ڪيو آهي.

بقايا 13

عمر سومرو پير جي حويلي ۾ مارجي ويل ٻارڙي فاطمه ڦرڙو جي گهر پهتا. جتي هُن مقتولا جي والدين سان ملاقات ڪئي. نگران وزيرن فاطمه ڦرڙو جي وارثن کي خاطري ڪرائي ته توهان جي هر قسم جي قانوني ۽ مالي مدد ڪئي ويندي. قاتل قانون جي پڪڙ کان نه بچي سگهندا. خالد سعد ۽ قانون وارو وزير محمد عمر سومرو پير جي حويلي ۾ مارجي ويل ٻارڙي فاطمه ڦرڙو جي گهر پهتا. جتي هن مقتولا جي والدين سان ملاقات ڪئي. نگران وزيرن فاطمه ڦرڙو جي وارثن کي خاطري ڪرائي ته توهان جي هر قسم جي قانوني ۽ مالي مدد ڪئي ويندي. قاتل قانون جي پڪڙ کان نه بچي سگهندا.

بقايا 14

مودي سرڪار تي پلواما ۽ بالا ڪوٽ 2.0 جي رٿيت تيلي ڪاسٽ جو الزام لڳائي ڇڏيو مشهور ڀارتي قانوندان پرشانت ڀوشن چيو آهي ته 2024ع جي چونڊن کان اڳ مودي سرڪاري رام مندر ايوڌيا تي جعلي دهشتگرد حملو ڪرائيندي. دهشتگرد حملي جو مليو پاڪستان تي وجهي جنگ جو ماحول ٺاهيو ويندو. پرشانت ڀوشن موجب بالا ڪوٽ جي طرز تي ڀارتي فوج آزاد ڪشمير ۾ جعلي زميني ڪارروائي ڪري مودي جي چونڊون کٽڻ جو رستو ڪوليندي. اهڙن منصوبن جا اطلاع ۽ ذريعا تصديقي آهن. چونڊون کٽڻ لاءِ پاڪستان مخالف نظريو، جعلي سرجيڪل اسٽرائيڪ ۽ جنگي ماحول ٺاهڻ واري مودي سرڪار جي روايت پراڻي آهي. هن چيو ته مودي سرڪار 2019ع ۾ به پلواما ۽ جعلي سرجيڪل اسٽرائيڪ جو ڊرامو رچائي چونڊن کي متاثر ڪيو. مودي چونڊون کٽڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ جو منصوبو شروع ٿي چڪو آهي.

بقايا 15

۾ سول سوسائٽي جي مختلف تنظيمن جي سماجي توڙي مذهبي اڳواڻن سينيئر صحافين ۽ ٽرانسجينڊر اڳواڻن جنهن ۾ عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ نذير قريشي عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ ڊاڪٽر صايما جعفري انساني حقن جي لاءِ جاکوڙيندڙ پشپا ڪماري انساني حقن ۽ ٽرانسجينڊر جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ نازش فاطما سينيئر صحافي دستگير ڀٽي ۽ ٻين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ت فاطمه ڦرڙو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري معصوم نياڻيءَ سان انصاف ڪيو وڃي ننڍي عمرجي ٻارن کان جبري طور تي پورهيو ڪرائڻ غير قانوني آهي تنهن ڪري چائلڊ ليبر تي مڪمل طور پابندي لڳايي ان تي عملدرامد ڪرايو وڃي ٻين وڏيرن جاگيردارن جي حويلي ۾ قيد سمورن نابالغ ٻارڙن کي آزاد ڪرايي نابالغ ٻارن کان جبري طور پورهيو ڪرايندڙ خلاف قانوني ڪارواي ڪيي وڃي هن وڌيڪ چيوت فاطمه جي مبينا قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ڪافي ناهي پر کين عبرتناڪ سزا ٻڌايي وڃي.

بقايا 16

داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي سائبر ڪرائيم سرڪل ڪيس داخل ڪري ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي. ايف آءِ آر ۾ حماد اظهر، مسرت جمشيد چيمه ۽ عمر سرفراز چيمه کي نامزد ڪيو ويو آهي. علي زيدي، فواد چوڌري، اعظم سواتي جا نالا به جوابدارن جي فهرست ۾ شامل آهن. ڪيس جي متن موجب جوابدارن سوشل ميڊيا تي قومي سلامتي ادارن خلاف ڪوڙي مهم هلائي، انهن سمورن اڳواڻن کي وضاحت جي لاءِ طلب ڪيو ويو آهي پر طلب ڪرڻ باوجود ڪوبه اڳواڻ پيش نه ٿيو نه ئي جواب جمع ڪرايو. ايف آءِ اي جي ذريعن موجب شاهدين ۽ بيانن جي روشني ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ٽيمون به جوڙي ڇڏيون آهن.

بقايا 17

ڏسندي برڊ ريپيلنٽ سسٽم (پکين کي مارڻ يا ڀڄائڻ جو جديد سسٽم) لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. برڊ ريپيلنٽ سسٽم لڳائڻ جو ٺيڪو جنهن فرم کي ڏنو ويندو، اها اڳ ۾ ان سسٽم جي ٽيسٽنگ ڪرائيندي. ان کانپوءِ سسٽم لڳايو ويندو سول ايوي ايشن اختيارين جو چوڻ آهي ته ان جديد سسٽم کي لڳائڻ لاءِ ملڪي ۽ پرڏيهي ڪمپنيون رابطو ڪري سگهن ٿيون. منصوبو ايندڙ سال جي شروعات تائين مڪمل ڪيو ويندو. واضح رهي ته پکي ٽڪرائجڻ سبب پي آءِ اي سميت ٻين ايئرلائنز کي هر سال لکين ڊالرن جو نقصان ٿيندو آهي.

بقايا 18

ٿي. گورنر گلگت بلتستان مهدي علي شاهه نگران سياحت واري صوبائي وزير کي مبارڪباد ڏني. ارشد ولي محمد چيو ته گلگت بلتستان ۽ سنڌ صوبي جي وچ ۾ سياحتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي ۽ گڏيل ملاقات ۾ سياحت جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. نگران صوبائي وزير چيو ته گلگت بلتستان وانگر سنڌ به سياحتي ماڳن سان مالامال آهي. هن چيو ته هو سنڌ ۾ سياحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندو. سياحت کي هٿي وٺرائڻ سان صوبائي روينيو ۾ پڻ اضافو ٿيندو ۽ سنڌ ۾ سياحت لاءِ سازگار ماحول آهي. هن وڌيڪ چيو ته سياحت سان مقامي روزگار جا موقعا پڻ ملن ٿا. هن گلگت بلتستان ۾ سياحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ صوبائي حڪومت پاران سهڪار جو يقين ڏيارين هن چيو ته گلگت بلتستان ۽ سياحت جي شعبي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سياحت کاتي جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تربيت ڏني ويندي.

بقايا 19

اينڊ بيٽس جي نمائش جي افتتاحي تقريب سان خطاب ڪندي چيو ته پن ڏينهن جي نمائش ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جي اسٽالن کان علاوه هينڊي ڪرافٽ جا اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن. هن چيو ته اهڙي قسم جي نمائش منعقد ڪرڻ تي انتظاميه کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي جنرل سيڪريٽري سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ايٽس اينڊ بيٽس ميگا تفريحي ميلي ۾ شيفس، قوالي، لائيو ڪنسرٽ ۽ ميوزڪ بينڊ شامل آهن جنهن سان شهر جي رونقن ۾ اضافو ٿيندو. هن ميلي ۾ جيڪي شيون متعارف ڪرايون وينديون آهي تمام اهم آهن. هنن حالتن ۾ سيني کي تفريح ڪرڻ گهرجي. آءِ سيني کي گذارش ڪندس ته اچو شرڪت ڪيو ۽ لطف اندوز ٿيو سيد ناصر حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايٽس اينڊ بيٽس فيسٽيول سان شهر جي رونقن ۾ اضافو ٿيندو. ڪراچي ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جو ميلو لڳايو ويو آهي هن ميلي ۾ صرف ڪراچي جا شهري نه پر سموري ملڪ مان ماڻهو ايندا. هن چيو ته ڪراچي جون رونقون بحال ڪيون آهن هنن روشنين کي وڌائڻو پوندو. هن چيو ته اسان کي پوري اميد آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون. 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ آئيني ضرورت آهي جنهن کي پورو ٿيڻ گهرجي. اميد آهي ته نگران حڪومت پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندي ٽن مهينن ۾ حڪومت ڇڏيندي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته تعميراتي نقشن تي پابندي عارضي آهي، اميد آهي ته نگران حڪومت جلد پابندي هٽائيندي. هن چيو ته اميد آهي ته 90 ڏينهن اندر ئي حلقابنديون ۽ ٻين اليڪشن جي معاملن کي مڪمل ڪيو ويندو. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته نگران حڪومت مان بهتر اميدون رکڻ گهرجن. بجلي جا بل گنجائش کان وڌيڪ اچن ٿا جيڪي عوام جي وس کان ٻاهر آهن انهن بلن کي گهٽايو وڃي ۽ قانون کي هٿ ۾ نه کنيو وڃي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پيپلز پارٽي جو وفد اليڪشن ڪميشن ڏانهن ويندو جڏهن ته وفد ۾ نويد قمر، قمرزمان ڪائره ۽ مراد علي شاهه شامل آهن ۽ اسان کي پوري اميد آهي ته اليڪشن ڪميشن اسان جون تجويزون ضرور مڃيندي. جيڪڏهن سيٽون وڌائيون آهن ته آبادي جي لحاظ کان ڊي ليميٽيشن ضروري آهي. اليڪشن ڪميشن ڊسمبر جو پلان ڏنو آهي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته اسان صحافي دوستن ۽ شهيدن جي خاندانن لاءِ به ڪميٽي جوڙي آهي. گرفتاريون پڻ ڪيون ويون آهن. ملوث جوابدارن کي سزا ڏني ويندي. هن چيو ته ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو آهي ته سينسز جو سيٽن تي ڪو به اثر نه پوندو. اليڪشن ڪميشن جي پلان ڪانپوءِ اسان جو وفد اليڪشن ڪميشن سان ملندو ۽ اسان جي نقطي تي نظرثاني ڪئي ويندي. ڊپٽي جنرل سيڪريٽري پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ جي اڳوڻي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ميڊيا سان وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته سکر ۾ صحافي جي قتل جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙي وئي هئي، جان محمد مهر جي شهادت تي ڏک آهي. هن چيو ته آدمشماري تي اسان جي وفد وفاقي حڪومت سان ملاقات ڪئي هئي، سيٽ وڌائڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته نگران حڪومت جو وقت آهي جيڪو پنهنجو وقت پورو ڪندي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن جو شيڊول جو به اعلان ڪري ها ته بهتر ٿئي ها. نگران حڪومت مان سٺيون اميدون رکيون وڃن. پيپلز پارٽي سي اي سي اجلاس ۾ خدشن جو اظهار ڪيو ويو. پهريان 7 ڊي ايم سيز هيون. هاڻي 25 ٽائون آهن. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ٽرانزيڪشن جو مدو هلي رهيو آهي، هڪ هفتي ۾ سمورين ڪارپوريشنز ٺهي وينديون. ٽرانزيڪشن جي مدي ڪانپوءِ سمورن ٽائون چيئرمينن کي اختيار ملندا.

بقايا 20

ادارن کي الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. ايندڙ 10 کان 12 ڪلاڪن دوران گنڊا سنگهه وٽ پاڻي جي سطح وڌيڪ وڌڻ جو به امڪان آهي. پاڪ فوج جي بهاولپور ڊويزن جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ امدادي ڪارروايون جاري آهن پاڪ فوج ميلسي، چشتيان، منچن آباد، پاڪپتن، عارف والا ۽ وهاڙي ۾ ماڻهن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪري رهي آهي. ٻوڏ متاثرن لاءِ مفت طبي ڪئمپون، رسڪيو آپريشن ۽ مفت راشن جي ورڇ جاري آهي. ان کان علاوه ٻوڏ دوران شهرين کي موذي مرض کان بچائڻ لاءِ ميڊيڪل ڪئمپون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. ٻئي طرف بوريوالا ۾ 2 ڄڻا ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي ويا. جڏهن ته درجنين ڳوٺ ٻوڏ سبب متاثر ٿيا آهن ۽ ڪيترن ئي علائقن جو زميني رابطو ڪٽجي ويو آهي.

بقايا 21

ٽينڊر پريس ڪانفرنس به ملتوي ڪئي وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم جو هڪ اهم اڳواڻ ڪراچي ۾ اهم عهدن تي رهي چڪو آهي ڪيس ڪجهه اهم معاملن تي سخت اختلاف آهن. پيپلز پارٽي جي هڪ اهم عورت اڳواڻ سان سندس ملاقات جون خبرون به گرم آهن اهو به چيو پيو وڃي ته هن پنهنجي ڪجهه ساٿين سميت پ پ ۾ شامل ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني آهي ڇنڇر تي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اجلاس ۾ پارٽي اختلافن تي به گرما گرم بحث جا اشارا ملي رهيا آهن

بقايا 22

۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڏهه ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. مقامي پوليس اختيارين موجب، ٽرين جي پرائيويٽ ڪوچ ۾ سوار مسافر طرفان چانهه ٺاهڻ لاءِ گئس سلينڊر جو استعمال ڪيو ويو جنهن سبب ڪوچ ۾ باهه لڳي وئي ۽ زوردار ڌماڪو ٿيو تامل نادو جي ڪمرشل ٽيڪس واري وزير ميڊيا کي ٻڌايو ته واقعو صبح جو اٽڪل سوا 5 وڳي پيش آيو جنهن ڪانپوءِ فائر برگيڊ عملو ست وڳي ريلوي اسٽيشن تي پهتو ۽ باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته حادثي جي زخمين کي فوري تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. مقامي انتظاميا جو چوڻ آهي ته ٽرين ۾ سوار مسافرن جو تعلق اترپرديش رياست سان هو ۽ هو مذهبي رسمن جي ادائيگي لاءِ وڃي رهيا هئا. انتظاميا جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪوچ ۾ 63 مسافر سوار هئا جڏهن ته فوتين ۾ ڇهه مرد ۽ چار عورتون شامل آهن. حادثي ۾ ست ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي رهي.

بقايا 23

جي او جو ملازم آهي. جنهن رت نه ملڻ تي بلڊ بئنڪ ۾ موجود شخص تي پستول تاڻي ورتو. بلڊ بئنڪ جي سرڪاري ۽ نجي ملازمن پوليس ۽ رينجرز کي طلب ڪري ورتو. انتظاميا موجب پوليس نجي ملازم کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ پستل به پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. واقعي ڪانپوءِ بلڊ بئنڪ ملازمن انتظاميا کان وڌيڪ سيڪيورٽي گهرندي چيو آهي ته جيڪڏهن سيڪيورٽي فراهم نه ڪئي وئي ته بلڊ بئنڪ بند ڪري ڇڏينداسين.

بقايا 24

سبب 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمي ۽ زخمين جي وارثن نور محمد گنگل، فضل الرحمان گنگل، امداد گنگل، الاهي بخش گنگل محمد نواز گنگل ۽ ٻين وڏي انگ ۾ گڏ ٿي تعلقه اسپتال اوباوڙو ۾ ڊاڪٽر نثار احمد سومرو، ڊاڪٽر عبدالرئوف گرگيج، ۽ اوباوڙو پوليس خلاف احتجاج ڪيو.ان موقعي تي احتجاج ۾ شريڪ وڏيرو فضل الاهي گنگل، زخمي نور محمد گنگل، فضل الرحمان گنگل، امداد گنگل، الاهي بخش گنگل، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه مهينا اڳ برادري سان پاڻي جي معاملي تان جهيڙو ٿيو هو مخالف ڌران آڙ ۾ ٻه ڏينهن اڳ اسان جي ڳوٺ دائمر تي ڪاهه ڪري 20 کان 25 ماڻهون حملو ڪندڙ لطف گنگل، ذوالفقار گنگل، اقبال گنگل، لياقت گنگل، واريو گنگل، فتح محمد گنگل، سائين ڏنو گنگل، ارشد گنگل، شوڪت گنگل، اصغر گنگل اڪبر گنگل ۽ ٻين ڏنڊن ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري اسان جي پنج ماڻهن کي سخت زخمي ڪري موقعي تان فرار ٿي ويا آهن. اهڙي فرياد اسين ڪٿي اوباوڙو ٿاڻي تي وياسين.

بقايا 25

ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته مريم نواز چونڊن کان اڳ اهم شخصيتن کي هدف بڻائيندي انهن جون ڳجهيون آڊيوز عوام سامهون آڻيندي. مهر نواز شريف جي ڏيهه واپسي کان اڳ سوشل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڀرپور نموني هلائي ويندي. پارٽي ذريعن موجب لنڊن ۾ ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف ۽ حمزا شهباز عوامي ميڙاڪن مصالحتي رويو اختيار ڪندا. جڏهن ته اتحاد يا سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو فيصلو نواز شريف ڪندو.

بقايا 26

تعزيت ڪئي جنهن کان پوءِ نگران صوبائي وزير عمر سومرو جان محمد مهر جي وارثن کي اعلانيل هڪ ڪروڙ روپين جو چيڪ ڏنو نگران صوبائي وزير خانگي ۽ سول اسپتال ۾ غفلت ۽ علاج جون سهولتون نه هجڻ تي جاچ ڪاميٽي جوڙڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي عمر سومرو چيو ته فاطمه ڦرڙو قتل واقعي بابت به اعليٰ سطحي ڪاميٽي جوڙي ويندي جنهن ۾ قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت کان سخت سزا ڏني ويندي.

بقايا 27

جا قاتل گرفتار ٿي نه سگهيا آهن هي ڪٿان جو قانون ۽ انصاف آهي. پيپلز پارٽي اقتدار خاطر سنڌ ورهائڻ ۾ سهولتڪار ٿي. هنن پنهنجو نظام آڻي سنڌ کي ورهايو. هنن ڪوڙي ڊجيٽل آدمشماري ڪري سنڌ کي ڪاپاري نقصان ڏنو ۽ 8 ڪروڙ آبادي کي گهٽائي ساڍا 5 ڪروڙ 57 لک آبادي کي قبول ڪيو. سنڌ جي ثقافتي ورثي ڪارونجهر کي قتل ڪرڻ لاءِ ٽينڊر جاري ڪيو. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جو عوام ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ دشمن ڪردار کي رد ڪري. سنڌ کي ترقي يافته خوشحال ڏسڻ جا خواب ڏسندڙ ماڻهو ڪرپٽ نمائندن سان مقابلو ڪن. سنڌ جا وسيلا سنڌ جي ماڻهن جا آهن. اسين اهڙي سنڌ چاهيون ٿا جي جنهن ۾ برابري هجي، عورت کي آزادي هجي، نوجوانن کي اعلي تعليم ۽ روزگار جا موقعا هجن، اسپتالون کوس گهر بدران بهتر علاج جو مرڪز هجن، ڏاڙيل راج بدران امن هجي، جرڳن بدران قانون ۽ انصاف جي حڪمراني هجي، ڪو به صحافي قتل نه ٿي. اياز لطيف پليجي سنڌ جي عوام سان مخاطب ٿيندي چيو ته خاموشي سان هڪ هڪ ٿي ظلم جو نشانو بڻجڻ بدران، پنهنجي ذاتي ۽ قومي تحفظ ۽ بقا لاءِ اٿي ڪڙا ٿيو، سوال پڇو، ڳالهايو ۽ احتجاج ڪريو اياز لطيف پليجي چيو ته ملڪ آئين، قانون جي حڪمراني ۽ برابري ڪانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهي. شفاف اليڪشن ٿي ته عوام ڪرپٽ مافيا کي رد ڪري ڇڏيندو. مهانگائي سبب غربت ۾ اضافو ٿيو آهي. معاشي پاليسيون عوام دشمن آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ هٽ وٺي بدامني جي باهه ٻاري وئي آهي ته جيئن ماڻهو مجبور ٿي ڪرپٽ وڏيرن جي ٻنگلن تي وڃن 15 سالن جي حڪمراني دوران پيپلز پارٽي چاهي ها ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ روڊن جو جار پکيڙي ڇڏي ها. پاڻي کوٽ ختم ڪري زراعت کي بحال ڪري ٿو وجهي ها. تعليم جو معيار بهتر ٿو وجهي ها. بيروزگار نوجوانن کي ميرٽ تي نوڪريون ملي وڃن ها. هر شهر ۽ ڳوٺ کي گئس، بجلي سميت پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ٿئي ها. پراڻ شهر ڪچري جو ڍير ۽ ٻهراڙيون کنڊر آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ هيپاٽائٽس، ڪينسر، ايڊز ۽ ٻيون بيماريون پکڙجي ويون آهن. اسپتالن ۾ علاج ناهي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم ناهي. سنڌ جي گهٽي گهٽي ۾ منشيات جو ڪاروبار علي رهيو آهي. نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي. پوليس امن امان بدران ڏوهارين ۽ منشيات فروشن جي سرپرستي ڪري رهي آهي.

بقايا 28

